
شاعري ۽ شخصيت
ميراث
آغا ممتاز حسين خان دراني
سهيڙيندڙ
پروفيسر آغا وقار حسين خان دراني

# ميراٿ

## آغا ممتاز حسين خان دراني

(شخصيت ۽ شاعري)

سهيڙيندڙ : پروفيسر آغا وقار دراني

آغا ممتاز حسين دراني اڪيڊمي

ڳڙهي ياسين

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ارپنا

مان پنهنجو هي پورهيو
منهنجي امڙ حسنِ جهان
جي نالي ڪيان ٿو
جنهن جي دعائن سان اڄ هن منزل تي آهيان
۽ پنهنجي ڀائرن
مرحوم آغا سعادت حسين خان
مرحوم آغا صباحت حسين خان
کي پڻ ارپيان ياد ڪيان ٿو
جن نوجوانيءَ ۾ ئي سوين سپنا سيني ۾ سانڍي
پنهنجي بابا جي پير ۾ آرامي ٿيا.

ڪاڇين ڪاچوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
تنهين جي چوٽي، پورب ٽيندي پڌري

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (283) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”ميراث“** ڳڙهي ياسين جي نامياري سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيت آغا ممتاز حسين-ان دراني جي شاعريءَ ۽ لڪٽين ۽ ندس شخصيت تي لکيل مضمونن ۽ تاثراتن جو مجموعو آهي. هن ڪتاب جو سهيڙيندڙ آغا ممتاز جو لائق فرزند اسان جو دوست پروفيسر آغا وقار حسين دراني آهي.

هي ڪتاب **آغا ممتاز حسين دراني اڪيڊمي ڳڙهي ياسين** پاران 2014ع ۾ نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ وٽان ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون مانواري آغا وقار حسين دراني جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# مهاڳ

آغا ممتاز حسين درانيءَ جي شاعري اڄ کان هڪ سال اڳ سندن فرزند ۽ پنهنجي پياري دوست آغا وقار درانيءَ جي ڊفينس واري فليٽ تي مون پهريون ڀيرو پڙهي ته منهنجا وار ڪانڊارجي ويا، ڇاڪاڻ ته اها منهنجي اڻڄاڻائي ۽ جهالت هئي جو هيڏي وڏي گامُو سچار جي تخليقن کان پنهنجي سٺ سالن جي عمر تائين مان واقف نه ٿيو هئس ۽ نه ئي مرحوم جي شاعري پڙهڻ جو مون کي موقعو مليو. بهرحال آغا وقار جڏهن پنهنجي والد مرحوم جي اڻڇپيل ڪلامن جو مسودو منهنجي آڏو کولي رکيو ته آئون سندس نظم، گيت، غزل ۽ بيت پڙهڻ مهل ڄڻ هڪ اهڙي جهان ۾ داخل ٿي ويس جتي پنهنجاهه ورهيه اڳ ۾ به سياسي اڳواڻن ۽ سرڪاري ڪامورن جي عوام دشمن پاليسين، چورين ۽ رشوت خورين جي بدبوءِ پکڙهيل هئي جنهن کي دفن ڪرڻ جي جسارت، جرئت ۽ تڙپ آغا ممتاز جي هر تخليق ۾ عيان آهي.

مرحوم جو هي غزل اڌ صدي اڳ لکيل آهي ۽ ان وقت سنڌ اندر جيڪي سماجي، معاشي ۽ سياسي حالتون هيون تن جو سچو عڪس اوهان پاڻ پڙهي ڏسو:

نظامِ مملڪت بدتر اهوئي آهه اڳ جهڙو
ظلم جورو جفا اڪثر اهوئي آهه اڳ جهڙو
چمن بدليو فضا بدلي، زماني جي هوا بدلي،
دقيانوسي مگر ڏمچر اهوئي آهه اڳ جهڙو
نه آيو انقلاب آهي منستر جي طبيعت ۾،
ستم پرور ۽ ڊڪٽيٽر اهو ئي آهه اڳ جهڙو
هٽن تا ڏنگ انسانن کي زَنبور زهريءَ جان،
هي رشوت خور آفيسرُ اهوئي آهه اڳ جهڙو
هئي اميد ٿيندو پاڪ ۾ انصاف پر ويتر
غريبن جي مٿان پادر اهوئي آهه اڳ جهڙو
هيون ڏاڍيون اميدون ديس پنهنجو ٿيندو هي جنت،
مگر هاريءَ جي هٿ ۾ هَرُ اهو آهه اڳ جهڙو

پروڏا جو وجهي پنجوڙ ڪورٽ ۾ ڪڙو ڪن ٿا،
تڏهن بہ ليگ جو ليڊر اهو آهہ اڳ جهڙو
ڪندا رهنداسون هر حالت ۾ اي ممتاز حق گوئي،
اسان جو طبع جو جوهر اهوئي آهہ اڳ جهڙو

مٿيون غزل پڙهي جڏهن اڄوڪين حالتن تي نظر ڦيرايم تہ يقين ڪريو تہ ڏاڍو افسوس ٿيو تہ مار هيڏي وڏي سائنسي ترقي ۽ ٽيڪنالاجيءَ واري دور ۾ جڏهن دنيا جا عظيم سائنسدان مرد توڙي عورتون چنڊ، مريخ ۽ زهره جهڙن اربين ميل ڏور سيارن ۽ ستارن تي قدم رکي پنهنجن پنهنجن ملڪن جا جهنڊا کوڙي چڏيا آهن تڏهن بہ اسان جي بدنصيب سنڌ بلڪ سمورو ملڪ پاڪستان اڃا تائين واڳونءَ جي وات ۾ ڦاٿل آهي. ساڳيو ئي دقيانوسي ۽ مدي خارج وڏيرڪو نظام، پوتارن جا بدمعاشيءَ سان ڀرپور جرڳا ۽ ناجائز ۽ غير قانوني فيصلا، سياسي قيادت جي واعدي خلافي، لالچ، دغا، دولاب، مڪاري ۽ نفسانفسيءَ جو بدترين عالم، خدا جي مخلوق جو ساهہ ٻوساٽڻ واري ڪُڏي ڪم ۾ رڌل آهي. ظلم ۽ ستم سان ڀرپور سندن جاگيرداريءَ ۽ سرمائيداريءَ وارو عذاب اڳ کان بہ ٽيڻو چئوڻو ٿي ويو آهي. هارين جي ڀلائيءَ جي نالي ۾ آندل زرعي سڌارا هڪڙو ڍونگ ثابت ٿي چڪا آهن. اڄ بہ اسان جي وطن جا هاري ناري ۽ پورهيت منافعي خورن ۽ سياسي چالبازن جي خوني چنبي ۾ جڪڙيل آهن. ٿورو هن غزل تي غور فرمايو تہ ڪيئن نہ هِن عوام دوست شاعر اسان جي اڄوڪي سنڌ ۽ ان جي حاڪمن توڙي شاهن جي شاهاڻين ۽ نئوسر بازين کي وائکو ڪيو آهي:

دنيا وارن ڪئي جور و وفا ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟
هتي نفسيءَ ۾ هر ڪو مبتلا ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟
دغا، دولاب، لالچ، واعده شڪني ۽ ريا ڪاري،
اڙي سائين! اسان وٽ سڀ روا ناهي تہ ٻيو ڇاهي.
تقدس خون جي رشتي جو عرصو ٿيو ختم ٿي ويو،
پُڄائي پيرُ پئسو آس ٿو پنهنجن پوڄارين جي،
جي "ناٽو شاهہ" اڄ مشڪل ڪُشا ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟

سائين ممتاز جي " ناٽو شاهہ" واري ايجاد بہ انوکي آهي جنهن منهنجان اسان کي پنهنجي دور جي انقلابي ڪهاڻيڪار مرحوم جمال ابڙو صاحب جي افساني " شاهہ جو ڦر" جي بہ جهلڪ ڏسڻ ۾ ايندي، آئون پنهنجي ٽيليويزن پروگرامن ۾ جڏهن شاهہ مافيا جو ذڪر ڪندو آهيان تہ ان جو مقصد سڄي ذات برادري کي مورد الزام هرگز نہ هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ لطيف سرڪار کان وٺي درٻيلي واري سيد ظفر علي شاهہ تائين اهڙا بہ سيد سڳورا سنڌ ڌرتيءَ پئدا ڪيا جن اسان جو ڳاٽ اوچو رکيو آهي. باقي حڪمرانن، شاهن ۾ سندن مداحن توڙي واڻن تي لطيف چواڻيءَ اهو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي جيڪو "گولا جي گولن جا، تنين جا غلام" ڪندا آهن. اڄ جيڪا سنڌ جي بدحالي ۾ بيوسي آهي، سنڌ ۾ جنهن سطح جي همااليائي ڪرپشن ۾ ڦرلٽ آهي، ان تي تہ اکيون رت روئين ٿيون

توهان حيران ٿيندؤ تہ پنجاهہ سال اڳ هيءُ يگانو شاعر سنڌ جي حڪمرانن جا جيڪا بد اعمال ۾ بچڙا افعال بيان ڪري ويو آهي سي سندس هيٺ ڏنل تمام پراڻي غزل مان هڪ تاريخي اڳڪٿي جيان اسان ماڻهن جي سوچ ۾ سمجهہ جو اڄوڪو منظر پيش ڪن ٿا.

صاحبِ املاڪ ۾ زردار آ
صدق و صفا ۾ توجو ڪيو هنجو شمار
حسنِ سياست جو هو شهڪار آ

مرحوم آغا ممتاز پنهنجي شاعريءَ ۾ جتي غريب مسڪين هارين ۾ پورهيتن سان ٿيندڙ ظلم ۾ ناحق کي ننديو آهي، اتي ڪين پٿائيءَ جو لفظن ۾ تہ " هڻ پالا وڙهہ پاڪرين" جهڙو سڏ ورجائيندي چوي ٿو تہ:

خاموشي ڇڏ زبان ۾ طاقتِ گُفتار پيدا ڪر
جا باطل کان نہ ٿئي خائف اها تلوار پيدا ڪر
عصائي موسوي فرعونيت لاءِ پار پيدا ڪر
نہ چنگيزي رهي باقي فضا هموار پيدا ڪر

سائين ممتاز سنڌ جي ڏکن ڏوجهرن ۾ حاڪمن جي وطن فروشي کي ڏسندي فرمايو:

تذڪرو بلبل ۽ گل جو باغبان آهي فضول،
باغ جو گهُر خير جيڪو تي رهيو نيلام آ
اڄ سياست پنهنجي محور تي هر ڪنهن جي ڦري
”پاڪ“ جو پيشِ نظر ڪنهن کي نہ استحڪام آ

سنڌ جي هن عاشق ۽ درويش شاعر، جنهن کي انسان جي بلند ڪردار ۽ حب الوطنيءَ جو جيڪو ادراڪ هو ان جو اندازو سندس ڪيترن ئي تخليقن مان ڪري سگهجي ٿو. ۽ هن غب الوطنيءَ سان غريبن سان ٿيندڙ ناحق ۽ جورجفا کي پنهنجي قلم جي طاقت سان شاعريءَ جي مالها ۾ پوئيو آهي، ۽ هن سونهن ۽ سوڀيا جي سڳند مان سرور حاصل ڪري پڙهندڙن لاءِ عشق محبت جا داستان بہ رقم ڪيا آهن. دنيا ۾ ڪهڙو انسان آهي جنهن عشق نہ ڪيو هجي؟ اهو تہ ممڪن ئي ناهي تہ شاعر هجي پر عاشق نہ هجي، دانشور هجي پر سونهن جي سڃاڻپ کان وانجهيل هجي. سندن جمالياتي ذوق جا ترورا سائين ممتاز جي هن غزل مان جهاتيون پائي ۽ عاشقن کي اتساهي رهيا آهن:

ڇو ٻريا غمدهِ دل ۾ ڏيئا؟
تنهنجي رخ جي ڇا ضيا ياد آئي
گلبدن ڪير ٿو اچي شايد
موسمِ گل جي هوا ياد آئي
غم جي جهولن ۾ توکي ڇو ممتاز
هن جي زلفن جي گهٽا ياد آئي

مرحوم شاعر اڄڪلهہ جي پريمي جوڙن کي اها تنبيهہ ٿو ڪري تہ عشق ۽ محبت انساني فطرت جو اٽٽت حصو آهي. بيشڪ عشق ۽ محبت ونديو پر پنهنجي انهيءَ عمل ۾ انجام کان بي خبر ٿي ڪو اهڙو قدم نہ کڻو جنهن سان نہ رڳو محبتون بدنام ٿين پر مٽن مائٽن جي دامن تي بہ داغ لڳي وڃن. اسان وٽ سنڌ ۾ ڪاروڪاري جي بهاني روزانو ڪيئن معصوم جوانيون ڪهاڙين سان ڪِيا ڪِيا ٿيون وڃن. جرڳائي ڀوتار سندن غريبن واندين مٿان ڪروڙن جا ڏنڊ ٿا وجهن جيڪي سئو سالن ۾ بہ ڀرجي نٿا

سگھن. جيسين ڏنڊ ڀرين تيسين سندن نياڻيون پوٽارن جي اوطاقن ۽ حويلين ۾ قيدياڻيون جيان قابو هجن ٿيون. شاعر جي هيءَ تخليق اهڙن پريمي جوڙن لاءِ وڏي نصيحت آهي:

سو نہ عشق آ ممتاز دور انديش
جنھن جي انجام تي نگاھ نہ آھ

## دستگير پٺي

# سهيڙيندڙ پاران

بابا سائين جي سڀ دوست جيڪي مون لاءِ صدق لائق احرام آهن. ۽ ٻين منهنجي دوستن پڻ ڪجهه سالن کان زور رکيو ته آخر ڪهڙي مصلحت آهي جو تون پنهنجي پيءُ جو ڪتاب ” دقيانوسي ڏمچر“ ڇوڪو نه ٿو ڇپائين؟ مان چپ ٿي ويندو هوس، مان ڪنهن کي ٻڌائڻ جي قابل ئي نه رهيو هوس ته دقيانوسي ڏمچر تي ڏاڙو لڳي ويو آهي. مان ڪنهن کي ڪيئن ٻڌايان ته منهنجي سموري ميراث مون وٽ نه آهي. مان ته ڪڏهن سوچيو به نه هيو ته مون سان اهڙي ويڌن ۽ ويساهه گهاتي ٿي ويندي. سال سوا ته صفا ذهني طور تي مائوف ٿي ويو هوَس پر پوءِ پاڻ سنڀالي ٻاهر نڪتس. ڳالهه اها آهي ته چاچا علي احمد بروهي کي بابا سائين بعد منهنجو رهبر ۽ رهنما رهيو هو. مون ڳچ سال پرنس ڪامپليڪس منجهه چاچا ساڻ گڏ رهيس. چاچا سائين پنهنجي شريڪ حيات کي ماٽي ڪري سڏيندو هو. جيڪا پڻ منهنجي پنهنجي هئي. هو تيستائين چاچا علي احمد کي به ترسائيندي هئي ته مان جيستائين پهچان پوءِ ٽيبل تي ماني ڪائڻ شروع ٿيندي سندن قرب جي ڪٿ ئي ڪونه ٿيندي آهي. مان اڄ ڏينهن سودو علي احمد کي پاڻ سان گڏ پائيندو آهيان بابا سائين جي ڪتاب جو قلمي نسخو خوش خطي سان لکيل چاچا علي احمد بروهي وٽ ڇپائڻ لاءِ محفوظ ٿيل هيو. جڏهن سندس صحت اپري سيري ٿيڻ لڳي مون کيس عرض ڪيو چاچا سائين مونکي مسوڏو واپس ڏيو. مون وٽ ابي جو مال جام آهي پاڻ ڇپائيندس جنهن تي بروهي صاحب ڪاوڙ جي ويو. ڇپائين تون ايتري اميد لاٿي آهي. چا سال سوا به ڪونه جي سگهندس. مون معافي ورتي ته ٻيهر ڪتاب جي ڳالهه نه ڪيندس. پر هو پرديسي پکيئڙو ڪلندي ڪائيندي عيدالفطر جي ٻئي ڏينهن هُن پار هليو ويو ۽ سندس شريڪ حيات پنهنجي نيڻ ۾ ڳوڙهن جا نيسارا ناهي ڇڏيا. مٿان وري سندس ناٺي محمد علي شيخ جي رويه ڪيس جهوري وڌو ۽ ستت ئي وڃي پنهنجي پنهل کي پرتي. ٻنهي جون قبرون ايڏيون ته لڳو لڳ آهن جڻ هڪ قبر نظر ايندي جيڪا عبدالله شاه غازي جي احاطي منجهه آهن. چاچا اتي ٻنهي قبرن جي جاءِ پنهنجي جيئري ئي خريد ڪري سهڻي نموني نهرائي ڇڏي هئي. چاچا مونکي به ٽي دفعا پنهنجي ۽ گهر واري جي قبر تي وٺي هلندو هيو هڪ دفعي اوچتو مون کان اها ڳالهه واتان نڪتي هئي ته واه جون قبرون ٺهيل آهن جڏهن اهي لفظ سائڻ ٻڌا ته هوءَ چاچا تي سخت ناراض ٿي. مون اهو نه ڄاتو هو ته هيءَ ڳالهه ايڏو وڏو ممڻ مچائيندي خير نيٺ علمائن جي پڇا بعد قبرن ۾ ڪٽڪ وجهرائي وئي. پوءِ وڃي قصو ٽريو. بقول

چاچا علي احمد بروهي جي پنهنجي مضمونن منجهه 600 شعرن جي موجودگي جو ذڪر ڪيو اٿائين. ڪتاب جو مسودو بروهي صاحب جي گهر منجهه پيل ٿي وئي. محمد علي شيخ سڄي مال ۽ لائبريري جو مالڪ ٿي ويو. ۽ سندس گهر جو نشان ئي نه رهيو. مون کي گهر جي ڪنهن مال ۽ ملڪيت جي ضرورت نه آهي فقط دست بسته محلد علي شيخ کي عرض آهي ته مونکي منهنجي پيءُ جي ميراثي يعني ڪتاب " دقيانوسي ڏمچر" واپس ڪيو وجي ته احسان رهندو. مان پوءِ به همت نه هاري ويٺس ڪڏهن ڪنهن ڪيسٽ مان ته ڪڏهن ڪنهن دوست وٽان ڪڏهن ڪنهن ڪتاب مان بابا سائين جي شاعري جو ڪجهه حصو هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان جو حال حبينا سو پيش پريان ڪيان ٿو. اميد ته هي ڪتاب سندس دوستن جي ڪجهه اساٽ گهٽ ڪندو.

**پروفيسر آغا وقار دراني**

# تخليقڪار

# بابت

# نذر آغا ممتاز دراني

## شاعر نثار بزمي

اعليٰ اديب عالم عزت مآب هو
شعر و سخن جي ملڪ جو گويا نواب هو
محفل جو مور اهلِ دل عاليجناب هو
ڪوئي سندس جواب نہ هو لاجواب هو
تنوير ۾ مان بہ تمڪون ٿا ساهت جي اپ تي
پر آسمان ادب جو هو آفتاب هو
دشمن جو خير خواهہ هو، يارن جو يار هو
مخلص سچار بي ريا ڪليل ڪتاب هو
طنز و مزاح ۾ سندس ثاني نٿو ڏسان
هر صنف تي ڪلام سندس بي حساب هو
ياسين جي ڳڙهي ۾ مون هيئن هو ڏٺو
گويا رڍن اڳيان هو وڄندڙ رباب هو
مرحوم هن کي لکندي قلم ٿو ڪنبي وڃي
سوچان ٿو هڪ سهانو دراصل خواب هو
فردوس ۾ رهي ٿو، هو حورن جي هنج ۾
يارو خدا گواهہ آ هو فيضياب هو
ڪنهنجي مجال آهي جو هن جي جڳهہ پري
خود انجمن جي آن بان جو آب تاب هو
بزمي نثار ڪان پلا وسري هو خان ڪيئن
مجلس ۾ بار بار سندس بارياب هو.

(روزاني هلال پاڪستان 23 مئي 2002ع خميس)

# منهنجو بابو

## پروفيسر آغا وقار دراني

17 مارچ 1924ع ۾ ٻگڙهي ياسين هڪ اهڙي انسان کي جنم ڏنو جيڪو جنهن عزت ۽ عظمت جو اهو مقام حاصل ڪيائين، جنهن لاءِ خان ابن خان ۽ سردار ابن سردار صديق ڪان سڏون ڪندا آهن.

آغا ممتاز دراني ڳڙهي ياسين جي اها هردلعزيز شخصيت هو. جيڪو هلندڙ وقت ۽ ايندڙ حالتن جا راز پروڙي نه فقط شهر پر صوبي جي ايندڙ نسل جي ڀلائيءَ جا گس ٻڌائيندو هو. هي مهربان انسان گمناميءَ جو اهو سمنڊ هو جنهن ۾ انيڪ هيرا، لعل ۽ موتي لڪل هئا. جيڪي سندس ويجها دوست سندس مان جهوليون ڀريندا هئا. هي دوستن ۽ تعلقي لاءِ ڇپر ۽ ڇانو هو.

مرحيات بابت ماڻهن جا جدا جدا رايا هئا. ڪي چون ته سخي مڙس هو، ڪي چون ته نرم مزاج هو جي چون سخت اصول پرست ۽ ارڏي مزاج وارو هو موتڻ کي مهڻو سمجهندو هو.

سندس هڪ مرحوم دوست سيد شاهه محمد شاهه هنگورجا شريف جي چوڻ مطابق: "مرحيات جو ته ڪو انت ئي نه هو، هو گونا گون هو."

1982ع جي بيماريءَ جي لوڏي ڪانپوءِ ڪافي ڪمزور ٿي ويو هو، جوانيءَ منجهه اڇو رنگ، موهيندڙ چهرو، سهڻيون سباجهڙيون اکيون، وڏي ويڪري ڇاتي زبردست قد ڪاٺ وارو هو.

هو ظلم ڏسي آپي مان نڪري ويندو هو. پوءِ ڪنهن کي به نه ڏسندو هو ته منهنجي اڳيان ڪير آهي. مرحيات نيڪ سيرت، واعدي جو پڪو، سڄڻن جو ساٿي پر دشمن بن منجهائنس چڱي اميد رکندا هئا. سندس ذات منجهه ڪيئي انجمنون لڪل هونديون هيون.

جتي ويهي اتي محبت جا ميلا مچي ويندا هئا. جنهن سان دوستي رکندو هو تنهن سان توڙ نڀائيندو هو. هو فيصلي وقت سڀ کان وڏي خوبي سندس اها هئي ته ڌرين ۾ ڀلي ڪيڏا به وڏا اختلاف چو نه هجن پر هي مڙس مٿير اهڙي ته حڪمت هلائي انهن کي ڪير ڪنڌ ڪري ڇڏيندو هو جو. ورهين جا وڙهيل ۽ رٺل به سندس آڏو ڪلندي خوش ٿيندي اٿي ويندا هئا.

ڪنهن به ضرورتمند کي ڪا ضرورت هوندي هئي ته هي سخاوات جو پيڪر ان جي ڳجهه ڳوهه ۾ مدد ڪري ڇڏيندو هو. جيئن هٿ نه ڏسي هٿ کي. سدائين مسڪينن ڀاران انتظاميا سان وڙهندو رهندو هو. جنهن ڪري چڱا مڙس، ڪليڪٽر ۽ ڪماني سندس دشمن هوندا هئا.

تنهن هوندي بہ سندس استقلال ۾ رتي پير بہ ڦيرو نہ آيو. هو هميشہ حق سچ جو علمبردار رهيو.

وقت جي علمدارن ۽ خانن جا سيس تہ سندس آڏو جهڪيا پر سندس سيس رڳو قادر اڳيان جهڪيو. مرحوم تعلقي جي ماڻهن سان ايترو تہ قرب ڪڙيءَ ۾ قيد رکندو هيو جو ڪير بہ ڪيس جواب نہ ڏئي سگهندو هو ننڍو وڏو سندس عزت ڪندو هو. ماڻهن جو اهو خيال هوندو هو تہ هو ڪيس وڏيڪ پائين ٿو. پر سچ اهو هو تہ هر ڪنهن کي عزيز رکندو هو.

مرهيات تي ماڻهن جو اعتماد ۽ ڀروسو ايڏو هوندو هو جو جا بہ ڳالهہ ڪندو تہ سندس ساٿي ان سان سهمت ٿي پوندا هئا.

مرهيات جو سياستدانن بابت رايو هو تہ هو جنهن نظريي جي پرچار ڪن ٿا ان تي پاڻ عمل ئي نٿا ڪن.

جي. ايم. سيد بابت سندس اهو رايو هيو تہ " هو سدائين رد عمل جي سياست ڪندو آهي ۽ ان جي ڪري سنڌ ڏاڍو پوئتي پيو آهي."

رسول بخش پليجي لاءِ سندس چوڻ هو تہ " هو بين الاقوامي انسان آهي هو سنڌي قوم لاءِ فٽ ناهي. سندس سياست اڄ بہ آسمانن تي آهي جڏهن ڌرتيءَ تي لهندي تہ هو پنهنجي پاڻ کي بہ گهڻ رخي شخصيت ثابت ڪندو."

پيٽي لاءِ چوندو هو تہ " هو هڪ تمام بهترين ليڊر آهي پر نظرياتي طور تي کوکلو ۽ خالي آهي. هو ڪڏهن تہ فرشتن کان بہ افضل ۽ مٿانهون تہ وري ڪڏهن ان جي ليول هڪ ٽاٽي جي صوبيدار کان گهٽ، هو ڪڏهن گوتم تہ ڪڏهن ميڪاوليءَ جي " دي پرنس" جو هڪ ڪردار لڳندو آهي."

هو نوجوانن کي ڪچهرين ۾ نوان نڪورا تاريخي گس ڏيکاريندو هو. هن جو نہ فقط ملڪي معاملن تي عبور هو پر هو تہ بين الاقوامي معاملن تي بہ وڏي دسترس رکندو هو. جتي عام جي سوچ دنگ ڪندي هئي اتان سندس ڏاهپ جا در کلندا هئا.

هو نوجوانن کي ور ور چوندو هو تہ "ڪاميابيءَ لاءِ قربانين جي ضرورت پوندي آهي."

رئيس امروهي مرڻ کان مهينو ڏيڍ اڳ مرهيات ڏانهن هڪ خط لکيو. جنهن ۾ لکيائين تہ " اڄ جو انسان وحشي ٿي چڪو آهي. ڪراچي وحشت ۽ دهشت جي گهيري ۾ آهي. لڳي ٿو تہ ڪراچيءَ ۾ وڏا ڪوس گهر نهندا ۽ وڏا ڪِيسَ ٿيندا. ۽ سڀ کان اڳ مان ان ڪوس گهر ۾ هوندس."

ان خط سان گڏ هڪ ڪتاب پڻ اماڻيائين. جنهن تي هڪ شعر سندس هٿ اکرن ۾ لکيل هو:

یہ تحفۂ دل پذیر افکار

اے ہمدم جواں مبارک

رئیس کا حقیر ساتحفہ

ممتاز حسین خان مبارک

سندس دوستن ۾ رئيس امروهي، علي احمد بروهي، جوش مليح آبادي، اعجاز الحق قدوسي، بدر عالم دراني، آغا غلام نبي پٺاڻ، ڊاڪٽر سيد انوارالحق، فقير مسرور بدوي، نثار بزمي، اينمري شمل، حسام الدين راشدي، علي محمد راشدي، ڪيئلداس فاني، ڪليم الله ميمڻ ۽ ٻيا انيڪ انسان هئا.

جوش منيح آبادي، جڏهن پنهنجو ڪتاب: "یادوں کی بارات"

ڏانهس اماڻيو تہ ان تي هي هٿ اکر لکيا هئا:

" یہ پھول ہے باغباں کو دیدو

یہ رنگ ہے کہکشاں کو دیدو

یادوں کي بارات اے جوش

ممتاز حسین خان کو دیدو "

جوش اهو بہ لکيو تہ: " ادب هڪ ڪهڪشان آهي". "يادن جي باراز" ڪتاب هڪ فرد ڪي نہ پر هڪ زماني کي اپريان ٿو. چو تہ آغا ممتاز دراني هڪ فرد نہ پر هڪ زماني جو نالو آهي.

ممتاز دراني پنائيءَ جو حافظ هو ڪيس سڄو رسالو برزبان ياد هئس.

هو ڳالهہ ٻولهہ ۾ تقريرن ۾ عام جام پٽائيءَ جا بيت ڪتب آڻيندو ۽ اردوءَ جا شعر پڻ ان کي اڻڳڻيا ياد هوندا هئا. غالب، فيض، فراز جوش، مصطفيٰ زيدي، انيس، اقبال، داغ، سودا ۽ زوق جا تہ هزارين شعر برزبان ياد هوندا هئس. ساڳئي وقت رومي، سعدي تہ بہ وڏو دسترس هئس.

مرهيات جي استاد ڪيئلداس فاني انديا مان پنهنجو ڪتاب: " سڪ ۽ سوز" تي اهو لکي موڪليائين:

نسازسان بہ همنشين ناساز نہ آهي

عالم کان جدا هي پلا انداز نہ آهي

دنياءِ ادب ۾ سخنور تہ گهڻا آهن

ممتاز کان ليڪن ڪوئي ممتاز ناهي

اهو استاد جون سٽون ممتاز درانيءَ لاءِ وڏي سعادت ۽ اعزاز آهن.

مرهيات جا اڪثر دوست جيڪي ڪميونسٽ هئا. انڪري لٽريچر بہ ڪميونسٽن جو ڪافي پڙهيائين. انهن مان مارڪس، لينن، چيخوف، شولو خوف سان گڏو گڏ هوماڪو وسڪي آپگهات نہ ڪيو پر ڪيس ماريو ويو هو ۽ سندس موت اسٽالن هٿان ٿيو هو.

مرهيات نہ رڳو شاعر، اديب، پر تاريخدان ۽ طنزمزاح جو پڻ وڏو شوقين هو

ساهڙ ڏي ساڃاهہ تہ تار تري تڙتيان

# آغا ممتاز حسين درانيءَ ” ممتاز“ مرحوم جي ياد ۾

## علي احمد بروهي

منهنجي سانپر وارا منڙا ۽ موڪٽا ماڻهو اڪثر راه رباني وٺي چڪا آهن. ڪو ڪٽو داٽو ڪٽي تمڪندو ٿو رهي تہ مون ڪي ڄاڻ نہ آهي. گهڻو ڪري دائمي تڏا ويڙهہ جو بک ٿي چڪا آهن. پيءُ ماءُ چاچا ماما ۽ ٻيڏڙيون امڙيون تہ سنجهيئي سڙهہ سنپاري پڳهہ ڪٽي وڃي پرينءَ پر پهتيون. پر جي هم عمر هم مڪتب ۽ چنڙن جا يار هئا سي بہ يا تہ لاڏاٽو ڪري وڃي گورستان ۾ آرامي ٿيا يا وري سنڌ ڇڏي لڏي وڃي پارت واسي ٿيا. بس! مان اڪيلو ۽ ڊڄڻو ۽ انهيءَ دنيا ۾ جا. مون نہ خلقي آهي. بينو ٿو واٽڙن جيان واجهايان تہ واڪا ڪريان.

اها حقيقت آهي تہ زندگيءَ جي هر گهڙي ۽ هر پلڪ لاءِ شڪراني جو سجدو ڏيڻ ٿو چاهيان، پر هي ڄاڻ نہ اٿم تہ هتي آءُ ترسيل کهڙي مقصد لاءِ آهيان. هيءَ خبر البت اٿم تہ زندگي نالو آهي موت لاءِ اوسيئڙو ڪرڻ جو بلڪل درست، پر آخر ڪيستائين؟ يا جيئن پشتو زبان ۾ پڇا ويندي آهي. ” تابہ ڪئہ“ آءُ تہ نہ عبادت گذار آهيان ۽ نہ وري ڪي نيڪ ڪم ڪيا اٿم. ممڪن آهي تہ سزا طور جنم ٽيپ پيو ڪاٽيان، يا وري ممڪن آهي تہ مالڪ ڪو اهڙو سبب بڻائي تہ توبہ تائب ٿي ڪيل گناهن جي تلافي ڪريان، يا وري ٻڍائي ۽ ليلائي معافي منگان. بهرحال آءُ مالڪ جي هر ڳالهہ تي راضي پئي رهيو آهيان پوءِ هيئن بہ سڄڻ واهوا ۽ هونئن بہ سڄڻ واهوا. شمس ڪي صبح تائين هر حال ۾ ٻرڻو آهي. پوءِ جا مالڪ جي مرضي. هي هڪ انوکي کهاڻي آهي، مهلت ملي ۽ الله پاڪ توفيق بہ عطا ڪئي تہ تفصيل سان عرض حال ڪندس. في الحال تہ وڇڙي ويل يار جو ذڪر ڪرڻو آهي ۽ ائين نہ ٿئي جو ممتاز حسين تہ رهجي وڃي ۽ خالي ” مئن مئن“پيو نظر اچي.

منهنجي اباڻي ڳوٺ ڳڙهي ياسين ۾ جي منهنجا جاني ۽ جگر دوست هئا، آغا ممتاز حسين خان دراني ”ممتاز“ بہ انهن ۾ هڪ هيو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ساڻس دوستيءَ جو ناتو صحيح نموني نڀاهي نہ سگهيس، جيئن سهڻو لطيف ٿو فرمائي تہ ” سڄڻ ۽ ساٿيهہ ڪنهن اٽاسيءَ وسري“ تہ اهو اٽاسي آءُ آهيان، ڇاڪاڻ تہ آءُ ڪڏهن بہ سندس ڪم نہ آيس. ممتاز حسين خان سکيو ستابو ۽ سرنديءَ وارو هيو

۽ پئي پنجڙ جي محتاجيءَ کان آجو هيو. الله پاڪ کيس سڀ ڪجهه ڏئو تي ڏنو هيو. شڪل صورت، علم عقل، همٿ جرئت ۽ وڏڙن جو ورثو.

احمد شاهه ابدالي واري دور ۾ شاهه شجاع تائين شڪارپور ۽ سکر وارا علائقا پٺاڻن جي هٿ هيٺ رهيا ۽ اٿ به تيهارو کن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ خدمتن عيوض ساليانی پٽيداري ملندڙ آهي. ڪوٽ سلطان جا بابڙ پٺان، مدئجي جا مشواڻي پٺاڻ ۽ ڳڙهي ياسين جا بارڪزئي دراني زميندار ۽ پٽيندار آهن. باقي عام پٺاڻ ڪمي ڪاسبي ۽ پورهيت آهن. آغا ممتاز حسين دراني 17 مارچ سال 1924ع ۾ جنم ورتو. سنڌي تعليم ميونسپل اسڪول ڳڙهي ياسين ۾ ۽ انگريزي تعليم مئٽرڪ تائين حاصل ڪيائين. اردو ۽ فارسي زبان تي به خاص دسترس هيس. ممتاز بنيادي طور تي شاعر هيو ۽ شاعري سندس شوق ۽ شغل هيو ۽ نه ذريعي معاش. ڪتابن پڙهڻ جو به شوق هيس. اردو سنڌي ۽ فارسي ڪتاب پڙهڻ کان علاوه کيس اڪثر شاعرن جهڙوڪ: شاهه لطيف، سچل، سانگي، فيض، فراز، جوش، غالب، جفر مراد آبادي، سعدي، رومي ۽ حافظ جا بيت کيس بر زبان ياد هوندا هئا. زندگيءَ جي هر مسئلي هر موضوع تي ڳالهائي ۽ سمجهائي سگهندو هيو. سندس سنگت ساٿ جو دائرو پڻ وسيع هوندو هيو. جنهن ۾ اڪثريت استادن ۽ عالمن جي هوندي هئي. سڄي شهر جا استاد، وڪيل، ڊاڪٽر، عملدار، شاعر ۽ ٻيا معزز شهري شام ٽاڻي اچي سندس بنگلي تي سهڙندا هئا ۽ پوءِ اڌ رات تائين ڪچهري هلندي رهندي هئي، جنهن ۾ ملڪي، سماجي ۽ سياسي مسئلن تي راءِ زني ۽ ٽيڪا ٽپڻي ٿيندي هئي. ڪڏهن وري سنگت جي گڏجاڻيءَ ڪي ڪنهن موقعي يا ڪنهن خاص مهمان جي آمد ڪري ادبي يا شاعراڻي محفل جو رنگ ڏنو ويندو هيو ۽ هر هڪ فرد کي سندس خداداد صلاحيت جي آڌار تي ذات جي اظهار جو موقعو ملندو هيو.

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هر اديب، هر شاعر ۽ هر مفڪر اورچ ۽ محنتي ٿيندو آهي. پر ممتاز حسين خان تي قدرت خاص رحمتون عطا فرمايون هيون سندس نثر توڙي نظم لکڻ جو انداز ائين هوندو هيو جيئن ڪوئي بتي ٻارڻ لاءِ برقي بٽڻ دٻائي يا ڪمپيوٽر چالو ڪري حاضر دماغيءَ جو عالم هي هيو جو ڪوئي به موضو پيش ٿيو ناهي ته هڪدم تحرير يا تخليق جي تڪميل ٿي ويندي، مطالعو پنهنجي جاءِ تي پر حافظو ۽ هنياءُ جو سوجهرو الله پاڪ کيس رونگ ۾ عطا ڪيو هيو. پاڻ ڪڏهن به مشاعرن ۾ نه ويو. لاغرض انسان هيو. کيس جاڻ هئي ته پٿر به پنهنجي جاءِ تي ڳورو هوندو آهي. ان ڪري واندن ۽ نڪمٽن جي اوطاقن ۽ اوتارن تي وڃڻ کي وقت جو زيان سمجهندو هيو. سندس شاعريءَ جا ڇهه سئو شعر ته پنهنجن هٿ اکرن ۾ موجود آهن جي زيرِ اشاعت آهن. شعر جو هي انداز ڪو ايترو وڏو نه آهي، پر

جيڪڏهن هن ڳالهه کي ذهن ۾ رکجي ته هڪ شرميلو شاعر جو شهرت کان پاسو ڪندڙ هجي انهيءَ لاءِ هي رتبو ايوريسٽ پهاڙ جي چوٽي سر ڪرڻ جي برابر آهي، بقول سنڌ جي بزرگ استاد " سيد شاهه محمد شاهه" جي ته: " آغا ممتاز حسين خان دراني گمناميءَ جو سمنڊ هيو پر منجهيس لڪل ڏاهپ جا موتي ۽ گوهر هئا، جيڪي اسان جي اکين پسيا هئا، مرحوم مڪمل عالم هيو لکڻ جي ڏات ۽ ڏانءُ هيس"

مرحوم سهڻو سيبتو ۽ آئيني جهڙي اوجر دل ۽ ناهوڪي جسم جو مالڪ هيو. مون کي ياد نه آهي ته مون ڪڏهن کيس موڳويا مايوس نه ڏٺو پر الاجي ڇو عمر جي آخري حصي ۾ کيس پيٽ جو عارضو ٿيو جنهن کيس نهوڙي ڇڏيو.

ماه آگسٽ جي پهرين تاريخن ۾ ڳوٺ کان فون آئي ته آغا ممتاز حسين کي ڪراچيءَ علاج لاءِ وٺي پيا اچون. آءُ واٽڙو ٿي ويس ڇاڪاڻ ته ڳوٺ پيرو ڪٺي مون کي زمانا ٿي ويا هئا ۽ مون کي سندس بيماريءَ جي ڪا ڄاڻ نه هئي. کيس سول اسپتال ڪراچيءَ ۾ داخل ڪيو ويو. آغا جو فرزند وقار حسين ۽ سندس گهر ياتي ساڻس گڏ خدمت ۾ هئا. بيماريءَ جي حالت نازڪ هئي ۽ علاج معالجي کان مٿيرو ٿي چڪي هئي. البت دعا جو در کليل هيو.

ٿوري گهڻي ڳالهه ٻولهه ڪجهه اشارن ۾ ته ڪجهه دلين جي ڌڙڪڻ وارين حرارتن وسيلي ٿيندي رهي. هڪ ڏينهن آءُ چرڪي پيس جڏهن چيائين ته سياڻي سفر جي تياري آهي. انهيءَ ڏينهن 4 آگسٽ 1992ع اڱاري ڏينهن يار راهه رباني وٺي ويو. وفات وقت سندس عمر 69 سال ۽ پنج مهينا هئي.

مرحوم آغا ممتاز حسين درانيءَ جا ڪجهه چونڊ شعر هيٺ ڏجن ٿا:

مرتضيٰ اعظم عباسيءَ لاءِ چيل

سختن فهم شاعر ۽ ادب جو عاشق آ.
فڪر فن ۽ فرازنگيءَ ۾ فائق آ.
اسم به اسمي سندس تخلص "خاذق" آ.

***

چه فصاحت چه بلاغت چه معنيٰ چه بيان
جلوه پيراست در آغوشي زبان " خاذق " آ

***

نقاش ازل جو شهڪار آدمي آ
ساري زمين جو سچ پچ سينگار آدمي آ

***

نفرت عناد آ ملان جو مذهب يار من
اهڙي مذهب کان پچي وڃ بانورا بيزار ٿي

***

هئي اميد ٿيندو پاڪ ۾ انصاف پر ويتر،
غريبن جي مٿان پادر اهو ئي آه اڳ جهڙو

***

الله سان محبت ۾ آدميءَ کان نفرت
اهڙو عجيب تر آ. انداز پارسا جو

***

وچ سير ۾ آ ٻيڙي ۾ دور آ ڪنارو.
طوفان ساڻ به لڙندو اڄ عزم ناخدا جو.

***

امر ٿيندا رڳو ممتاز سي جي نيڪ مقصد لئه
ملائي موت سان اکيون دليرانه مري ويندا.

***

روزاني هلال پاڪستان چنچر 30 مارچ 2002ع

# آغا ممتاز حسين درانيءَ جي شاعري ۽ شخصيت

## منظور سولنگي

آغا ممتاز حسين دراني جي " ميراث"، سندس وارث فرزند آغا وقار دراني جي هٿان مليو. پڙهڻ ڪانپوءِ مونکي اردوءَ ۾ لکيل هڪ شاهڪار ڪتاب "هندي مسلم تهذيب" جي تخليقڪار لاهور جي پروفيسر قاضي جاويد جو اهو جملو ياد آيو جنهن ۾ هن لکيو آهي ته " 1526ع ۾ مغل بادشاهه ظهير الدين بابر هندستان فتح ڪيو پر (25 سالن جي) ٿوري عرصي ۾ هندستان سر زمين بابر جو پوٽي (شهنشاهه) اڪبر کي فتح ڪري ورتو." قاضي جاويد جو اشارو مغل شهنشاهه اڪبر جي انهن ريتن ۽ روايتن ڏانهن هو. جيڪي هن (شهنشاهه اڪبر) هندستان جي ماحول کان متاثر ٿي اپنايون هيون. شڪارپور جا پٺاڻ به لڳ ڀڳ به سؤ سال اڳي شاهه شجاع جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ جي اقتدار تي قبضي ڪرڻ لاءِ ان پرڳڻي ۾ وارد ٿيا پر پوءِ انهن بار ڪزئين پٺاڻن کي جلد ئي سنڌ ڌرتي فتح ڪري وئي ۽ هو هتي رهجي ويا ۽ پوءِ هتي ئي زندگيءَ جا آخري پساهه پورا ڪرڻ وارن سندن وڏڙن جي هڏڙن مٿان سنڌ جو واءُ ۽ واري ورندي هئي.

ستن پيڙهين جي سفر کان پوءِ ڳڙهي ياسين جي جوءِ ۾ جڏهن آغا ممتاز دراني جنم ورتو ته سندس شاعري ترڪيءَ جي عظيم شاعر ناظم حڪمت جي ان شاعري جهڙي لڳي مو مونکي ناظم حڪمت جهڙو لڳو.

"جيتوڻيڪ سندس ذات ۽ شجري ۾ دراني لکيل هو پر سندس موهه، مزاج ۽ سياءُ سڀ ڪجهه سنڌي ٻڻجي چڪو هو".

سنڌ ۾ علم، ادب ۽ تخليق جي فن ۽ فنڪارين جا جيڪي مرڪز (نرسريون) رهيون آهن انهن ۾ ڳڙهي ياسين به هڪ آهي، هن مرڪز ۾ علي محمد شاهه راشدي، حسام الدين شاهه راشدي، دين محمد وفائي، تاج محمد امروٽي، اي ڪي بروهي، علي نواز وفائي، علي احمد بروهي، نثار بزمي جهڙا داناءَ، دانشور، سياستدان ۽ سمجهدار ماڻهو پيدا ٿيا ۽ آغا ممتاز دراني به ان سلسلي جي ڪڙي آهي.

آغا ممتاز دراني جي شاعري تي جيتوڻيڪ پنهنجي دؤ جي ڳوڙهي ڇاپ ۽ اثر آهي جنهن ۾ موضوع جي لحاظ کان اخلاقيات ۽ ٻولي جي لحاظ کان فارسيءَ جو اثر نهايت نمايان آهي پر پوءِ به

سندس شاعريءَ جا عنوان ۽ انهن ۾ پيش ڪيل خيال نت نوان ۽ نڪورا آهن ۽ اهائي ڳالهہ سندس شعر کي ممتاز بنائي ٿي. جهڙوڪ:

آدام اڏيل هر هڪ آفيس ۾ رشوت جو
نندو ۽ وڏو افسر صياد نظر آيو
مشغول رهيا عالم، تحرير فتاوا ۾
هر روز نئون تن جو ارشاد نظر آيو
جنهن کي ٿا چون مرشد ۽ رهنما و رهبر
اخلاق بگاڙڻ جو بنياد نظر آيو.

ٻئي هنڌ وري چوي ٿو:

هئي اميد ٿيندو پاڪ ۾ انصاف پر ويتر
غريبن جي مٿان پادر، اهوئي آهہ اڳ جهڙو

ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت جي شان ۾ بہ هڪ سنو خيا پيش ڪيو اٿس.

هزارين خون جي پياسن جي وچ ۾ سر بلنديءَ سان
سرِ مقتل وڌايو تيز تر هن گام هو تنها

پٽ ڏٽي ماڻهوءَ جي مزاج جي ڪيڏي نہ سهڻي تصوير ڪشي ڪئي آهي تہ ”جاءِ نہ سڃو ڏينهن هينئر وا وني وڳ جيئن.“

بلڪل ائين شاعر بہ مختلف ڪيفتين مان گذري ٿو پر اهو ڪمال ڪنهن ڪنهن شاعر وٽ هوندو آهي تہ تنهنجو پنهنجي سمورن خيالن ۽ احساسن کي سهڻن لفظن جي قطار بہ سنواري بيهاري آغا ممتاز دراني پنهنجي شاعريءَ ۾ اهي سڀ روپ، سروپ ڪري پيش ڪيا آهن هو جڏهن مجموعي سان پنهنجي وفا ۾ ڪيس لڙي ٿو تڏهن دليل ڏئي ٿو تہ:

پنهنجي جنهن وقت خطا ياد آئي
تنهنجي دلچسپ سزا ياد آئي
تو زماني جو چلن آ ڏٺو
تو کي منهنجي ڪا وفا ياد آئي؟

ٻئي هنڌ لکي ٿو:

خدا جو سنهن اگر تو بيوفائي ڪئي تہ پاڙهيئي

سسئي ۾ سهڻي وارا پيِ افسانا مري ويندا.
هڪ وري هر شڪايت ڪندو لکي ٿو:
چاره گر واقف مزاج نہ آ
منهنجي غم جو ڪٿي علاج نہ آ

بيزارگي جو عالم بہ انساني فطرت جي هڪ اڻ ٽر ڪيفيت آهي. ماڻهوءَ کي ڪڏهن ڪڏهن پاڻ مان بہ بيزاري ۾ حقارت ٿو پوي. آغا ممتاز پنهنجي ان ڪيفيت کي بہ سهڻي نموني پيش ڪيو آهي.

ڇاٿا پڇو اي دوستو هن بزم جو چلن
پهرن جا پهر غم ۾ پريشان بہ رهيا سون
اهڙو سمو بہ بارها آيو اي ممتاز
پاڇي کان پنهنجي پاڻ گريزان بہ رهيا سون.

آغا ممتاز دراني پنهنجي شاعريءَ ۾ جيتوڻيڪ علامہ اقبال جهڙو تفصيلي شڪوو نہ لکيو آهي پر هن جي هڪڙي سٽ ڇڻ " جامع سپ جهان "جهڙي آهي.

آه ويڪا ۾ منهنجي عمر عزيز گذري
يارو ڏسي ڇڏيو آ. مون شان ڪبريا جو

شيخ اياز انسان جي عظمت کي ڪمال جي طريقي سان بيان ڪيو آهي.
"جا خدا کان نہ ٿي جا نہ امڪان ڪلهہ کان سان ڳالهہ آهي. انسان ۾"
پر آغا ممتاز بہ انسان جي وڏائي کي نهايت سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

نقاشِ ازال جي شهڪار آدمي آ
ساري زمين جو سچ پچ سينگار آدمي آ
سجدو ڪري ان انهي کي ثابت ڪيو فرشتن
ڪل ڪائنات ۾ آ اشرف مقام هنجو
مخلوق ڪل ۾ فعل المختار آدمي آ
فطرت شناس ازلي فنڪار آدمي آ

آغا ممتاز دراني پنهنجي شاعري ۾ وطن جي حُب، بهادري، قرباني ۽ اورچائي کي بہ بيتن منجهہ سهڻي نموني سموهيو آهي. پر مونکي سندس شاعري جو واقعياتي داستان گوئي وارو پهلو ان ڪري

وڏيڪ سنو ٿو لڳي جو ورهاڱي ڪانپوءِ جڻ تہ اهڙي قسم جي شاعري جو پهلو آهي، جنهن ڪي سنڌ جو نئون نسل جاڻ هوندي بہ جڻ ڳولي پيو.

آغا ممتاز درانيءَ جي ” ميراث“ نالي شعري تخليق جي مجموعي کي جهڙي طرح سندس فرزند آغا وقار دراني سانديو سنيااليو ۽ ڇپرايو آهي. ان لاءِ ائين چوڻ ڪافي آهي تہ آغا ممتاز دراني جي ” ميراث“ محفوظ ۽ لائق وارث جي هٿن ۾ آهي.

***

# آغا ممتاز حسين خان درانيءَ جي ياد ۾

## حڪيم ميان مرتضيٰ اعظم عباسي

سمجهه ۾ نٿو اچي تہ هاڻ زماني کي ڇا ٿي ويو آهي؟ اهي انسان ڪٿي غائب ٿي ويا آهن. ڪنهن کان ڪاوڙيا آهن؟ ڇو منهن موڙي ويا آهن. آخر اسان ڪهڙو ڏوهہ ڪيو هيو سين. جو پاڻ تہ هليا ويا پر اسان کي انسانن نما جانورن جي حوالي ڪري هليا ويا. جن جون بي وفايون ڏسي لڳي ماٺ مرن کي. آخر اهڙيءَ ويا ڇو منهن ڪڍيو جو دوست اٿي ويا ۽ اڄ مڙهيون ٿيون مارين تہ جيءُ جيارينڊڙ ماڻهو آخر ڪٿي غائب ٿي ويا ۽ اوطاقون اجاڙي ويا. اسان ڪهڙو گناهہ ڪيو هيو سين. وڻ بہ ساوا ڇهچ آهن ۽ لامون بہ لڏي رهيون آهن. ڪيڏانهن ويا آهن پکيئڙا ۽ اهي آکيرا؟ نہ اهي صبح جا گيت آهن ۽ نہ اهي شام جون منيون باتيون آهن. الله اڪبر ! آغا ممتاز درانيءَ کي مرحوم لکندي قلم بہ ڪنبي ٿو وڃي ۽ اکيون بہ آليون ٿي ٿيون وڃن. آغا ممتاز دراني، بارڪزئي خاندان جي دود مان شاخ محمد زئي جي جدي پشتيءَ مان آهن. آغا ممتاز دراني 1924ع ۾ خان صاحب محمد اعظم خان جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس خاندان انهن جاگيردارن ۽ پٽيدارن مان هڪ هو جيڪي ارڙهين صديءَ ۾ افغانستان مان هجرت ڪري شڪارپور سنڌ ۾ آيا. سندس خاندان افغانستان جي حاڪمن مان هڪ هو. رشتي ۾ سابق شهنشاه افغستان محمد ظاهر شاهہ بہ سندس سئوت ٿئي. آغا ممتاز دراني هڪ شاعر، اديب، دانشور، سماجي ڪارڪن ۽ محبتي ماڻهو هيو جڏهن ڳالهائيندو هيو تہ دل چوندي هئي تہ ڪيس ٻڌندو ئي رهجي مون پهريون جوانيءَ ۾ جيڪي دراني جاگيردار ڏٺا تن ۾ در محمد خان، محمد اعظم خان، خدا يار خان ۽ شمس الدين خان جن هئا، مرحوم آغا ممتاز درانيءَ جو والد محمد اعظم خان دراني ولد خايار خان ولد حيات الله خان، ابن جمع خان شڪارپوري ابدال خان، ابن شاهہ جمال خان ابن آغا محمد يوسف خان ابن آغا محمد سرور خان ابن اختيار خان ابن آغا مورث خان جون افغانستان جي محمد زئي بارڪزئي درانيءَ جون نسبي شاخون وڃي ترين خان سان ملن ٿيون جن جا پاڻ ۾ تخت نشينيءَ جي ڪري اختلاف ٿيا. خان صاحب جمع خان جو والد ابدال خان افغانستان مان هجرت ڪري شڪارپور آيو هو. انگريزن جي حڪومت اچڻ تي ڪين شاهي خاندان هجڻ باعث ٻڙهي ياسين ۾ جاگيرون ۽ پٽيداريون مليون، جنهن سبب هو شڪارپور مان لڏي ڪوٽ عبدالله (ٻانبيهڙ) کان ٿيندا اچي 18 صديءَ جي آخر ۾ اچي ٻڙهي ياسين ۾ آباد ٿيا، ڪوٽ اڏيائون، دراني خاندان سان گڏ آيل علوي خاندان

شڪارپور ۾ رهي پيو ۽ سيد خاندان درانين سان گڏجي ڳڙهي ياسين ۾ رهائش پذير ٿيو اڄ بہ انهن سيدن جون جڳهون ڪوٽ حيات الله خان درانيءَ جي قريب بروهي محلي ۾ آهن، اها علحده ڳالهہ آهي تہ هاڻي سيد مان روحانيت غائب ٿي وئي آهي، البت سندن جايون اڳ ڪان هاڻي وڌيڪ خوبصورت آهن.

آغا ممتاز درانيءَ سان منهنجي ملاقات 1936ع ۾ درزي بيگ انصاريءَ جي دڪان تي ٿي. انهيءَ وقت ڳڙهي ياسين مان ”پيغام صلح“ اخبار نڪرندي هئي، مان مولوي محمد ابراهيم وٽ رهندو هيس. اهو 1937ع جو زمانو هيو. آءُ اڪثر شام جو سندس اباڻي بنگلي تي جنهن کي ”خان جو بنگلو“ سڏيندا هئا ويندو هيس، جتي استاد جان محمد دايو جيڪو ڊاڪٽر عنايت الله جوڪئي جو ڏاڏو ۽ استاد واحد بخش ميمڻ جيڪو ڪليم الله ميمڻ وڪيل جو پيءُ جن ايندا هيا ۽ کيس پڙهائيندا هيا. 1946ع ۾ مون شادي ڪئي، ڇئن مهينن بعد ڳڙهي ياسين ۾ بوڏ آئي، انهيءَ وقت آءُ سندس همدرديءَ ۽ پاڙ وارڻ واري جذبي کان سخت متاثر ٿيو هيس. آغا ممتاز درانيءَ جي سڏايل تقريبن ۾ شرڪت سبب ملاقاتن جو شرف حاصل رهندو هيو. مرحوم مون لاءِ چانهہ پنهنجي نوڪر کان خاط طور تي لُلي جي هوٽل تان گهرائي تواضع ڪندا هيا. ان دور ۾ مرحوم عوامي وندر خاطر زبردست ملاڪڙا ڪرائيندو هيو. انهن ملاڪڙن جي ٽيم ۾ محمد نواز خان بابڙ ۽ عزيز الله خان بار ڪزئي سندس خاص ڪارندا هوندا هيا. مون کيس 1965ع جي جنوريءَ ۾ آغا بدر عالم جي وفات حسرت آيات تي انتهائي سوگوار ڏٺم ۽ پنهنجي ڏک ڀرين خيالن جو اظهار هن انهيءَ وقت ڪيو هو. جيڪو 1980ع ۾ ”نواءِ انقلاب“ اخبار بدر عالم نمبر ڪڍيو هو. انهيءَ نمبر ۾ آغا ممتاز درانيءَ پنهنجي عزيز بدر عالم تي هڪ شاندار تاثر لکيو هو. پاڻ وڏو تاريخ دان، مقرر، مدبر، ڏاهو ۽ هڪ بهترين شاعر هو. سندس شاعري کي مڃڻ ۽ داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهجي سندس ابتدائي دور جي شاعريءَ ۾ فارسيءَ جي جهلڪ نظر ايندي هئي، پر بعد ۾ نئين جدت واري واٽ ورتائين، هن پنهنجي شاعري ۽ نثر کي مون وانگر رسالن ۽ اخبارن ۾ ڪونہ ڇپايو، پر مون جهڙن سَوَنِ کي پنهنجي شاعري ۽ ادبي لياقتن سبب دلين ۾ جاءِ گير ضرور ڪيو آهي. آءُ جڏهن ڪچهري ۾ ڪهي ويندو هوس تہ گفتگوءَ مان نہ فقط اسلامي ۽ بر صغير جي تاريخ جي پروڙ پوندي هئي، پر يورپ، آمريڪا ۽ روس جي دانشورن ۽ سورمن بابت اسان کي آگاهہ ڪري علم ۽ فهم ۾ اضافو آڻيندو هو. سندس بنگلي منجهہ سندس دوستن جا ميڙا مچندا هئا. شام جو فقيرن کان شاهہ لطيف جون وايون ٻڌندا هئا.

ڳڙهي ياسين جي مٽي وڏي مردم خيز هئي، جنهن ٿورڙي وقت ۾ مولانا تاج محمود امروٽي، آغا ممتاز دراني، اي ڪي بروهي، آغا بدر عالم دراني علي احمد بروهي، حافظ نور محمد، حسام الدين راشدي، علي محمد شاهه راشدي، نثار بزمي ۽ دين محمد وفائي جهڙن املهه ماڻهن کي جنم ڏنو سيئي املهه موتي جن جي جوت سچ پچ ته جهان کي جرڪائي ڇڏيو.

مون زندگيءَ ۾ ممتاز درانيءَ جهڙا گهٽ ماڻهو ڏٺا، جيڪي هڪ ئي وقت تحرير توڙي تقرير جا ماهر هجن. سندس گفتار من کي موهي وجهندي هئي ته وري شاعري جي سٽ سٽ تي ساهه وارڻ تي دل چوندي هئي. جي مرحوم اجا به وڙڪري خط جا ٻه اکر لکي داد ڏئي ته مون پارو پنهنجي اوقات ئي وساري ويهندو هو. ڪيس دل ۾ گهر ڪرڻ جي ڏات ۽ ڏانوَ جو ته ڪو مثال ئي ڪونه هو.

روزاني هلال پاڪستان ڪراچي خميس 23 مئي 2002ع

# آغا ممتاز دراني جون فارسي_ سنڌي ترڪيبون

سرمد چانڊيو

دنيا جي مختلف قومن جي باري ۾ مختلف ڪٿائون ٿين ٿيون، جيڪي بظاهر تہ ڪل جهڙيون هونديون آهن، پر انهن ڪٿائن جي پويان ڪيئي حقيقتون لڪل هونديون آهن. ايشيا ڪوچڪ کان وٺي قنڌار ۽ سبي تائين رهندڙ قومن کي گهوڙي سواريءَ جي ڪري رومي مردن کي ديو ۽ عورتن کي پري سڏيو ويو آهي. سنڌي ماڻهن کي ڏڳي جي سواري جي ڪري ڳورو ۽ عورتن کي ڳوري سڏيو آهي. هندستاني ماڻهن کي هاٿي جي سواريءَ جي ڪري اوتار ۽ عورتن کي ديوي سڏيو ويو آهي. دريائي ۽ جل پري سڏيو ويو آهي توڙي جو انهن ڪٿائن ۾ سوار ۽ سواريءَ کي هڪ جسم ۽ هڪ جان سمجهيو ويو آهي جيڪا ڳالهہ عقل ۽ فهم کان تمام پري آهي، پر اها ڳجهارت ڏاڍي معنيٰ خيز آهي. جابلو ۽ ناهمواري زمين جي رهواسين گهوڙي کي وسيلو بنائي تيز رفتاري سان جيڪي فاصلا طئي ڪيا آهن جنهن جي ڪري ڪين ديوقامت انسان سڏيو ويو آهي. ها ان دور جي شاعري ساراهڻ جهڙي ڳالهہ آهي. جو انهن ماڻهن گهوڙي جهڙي شوخ مزاج جانور کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي، نہ رڳو ڏکئي ۽ اڻانگي سفر سولو بنايو پر انسان جي همت بہ وڌائي ڇڏي، ائين سنڌي ماڻهن ڏڳي جهڙي ڳوري جانور کي قابو ۾ آڻي پاڻ کي شان ۽ مان واري قوم ڪوٺرايو تہ وري هندستاني ماڻهن هاٿي جهڙي پربت نما جانور کي زير دست بنائي پاڻ کي خدا (اواتار) ۽ ديوا (پوڄا لائق) چوايو سامونڊي ۽ دريائي ملاحن وري ٻيڙا جوڙي، ڇڙواڳ ڇولين ۽ اندوهہ ناڪ ويران سان مهاڏو اٽڪائي پاڻ کي راڪاس، اجگر ۽ جل پريون ڪوٺايو.

انهن ڪٿائن کي نظر ۾ رکي اسان اهو ٿي چئي سگهون ٿا تہ ڏاهپ ئي هر دور ۾ انسان کي اعليٰ ۽ اتم بنايو آهي، جيئن اڄوڪي سائنسي دور ۾ سائنسي ايجادن وارا ملڪ ان داتا تصور ڪيا وڃن ٿا، ائين ئي آڳاٽين ايشيائي قومن بہ پنهنجي ڏاهپ جو غلط استعمال ڪيو هو. جنهن جي ڪري رومي ماڻهن ڪين مختلف نالن سان سڏيو آهي.

ترڪمان ۽ ارغوني قبيلن گهوڙن تي سوار ٿي جيڪي ڦريون ۽ ڌاڙا هنيا، انهن سان تاريخ پري پئي آهي. سنڌي ماڻهن ڏڳن جي وسيلي جيڪا زرعي ترقي ڪئي اها سائرس اعظم کان وٺي اڄ ڏينهن تائين چانيل ٿئي نظر اچي. وري هندو مذهب، جو مطالعو ڪيون ٿا تہ اسان کي ڪشتري نسل جا هندو لوڪ مذهبي جنون ۾ ديوي پنٿ جي پوڄا عام ڪرائڻ لاءِ عراق ۽ جرمني تائين سرگردان نظر اچن ٿا.

ايئن ساموندي ڏاڙيلن بہ ڪنهن ڪان ڳجها پاليا ناهن.

آغا ممتاز حسين ”ممتاز“ دراني مرحوم جي شاعري لاءِ جنهن تي مون کي ڪيترائي ويچار ونڊڻا آهن. مرحوم جي گهڻي شاعري تہ مون کي نہ موڪلي وئي آهي پر جيڪي شعر مليا آهن، انهن جي حوالي سان، مان مرحوم جي شاعراڻين ترڪيبن جي چند چاڻ ڪندس، ڏسو غزل جوهي سرو!

نقاش ازل جو شهڪار آدمي آ.

ساري زمين جو سچ پچ سينگار آدمي آ

مٿين سٽ جي بحر وزن کان هٽي ڪري صرف ترڪيب ۽ هيٺين سٽ جي ترڪيب تي نظر وجهندا ٿا هلون. تہ لفظ ”آدمي“ مٿين سٽ ۾ تخليق آهي ۽ هيٺين سٽ ۾ تخليق هوندي بہ اصطلاحي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي، جنهن جو مطلب آهي، جيڪڏهن آدمي هن زمين تي نہ هجي تہ هيءَ زمين ڪا بہ معنيٰ نٿي رکي. اهو شاعر جي دانائي ۽ ڏاهپ جو ڪمال آهي. وري مٿين سٽ ۾ لفظ نقاش جي حرف ”ش“ تي جيڪا اضافي زير موجود آهي. اها ”جو“ ”يا“ ” جي“ جي معنيٰ ڏئي ٿي، پر شاعر لفظ ازل کان پوءِ جيڪو ”جو“ جو لفظ ڪم آندو آهي، جنهن جي اچڻ سان لفظ نقاش جي ”ش“ واري اضافي زير پنهنجو پاڻ محزوف ٿي وڃي. ان مان شاعر جي علمي ذهانت ظاهر ٿي ٿئي تہ شاعر کي ٻوليءَ تي ڪيتري هٿ پهچ آهي. مرحوم کي ٻوليءَ جو حاذق سڏجي بہ تہ درست آهي، جيئن اصطلاحي معنيٰ ۾ اسان عورت کي گهر جو سينگار چئي سڄي گهر جي مالڪي سندس حوالي ڪندا آهيون. بلڪ ائين ئي آدمي کي ڌرتي جو سينگار چئي شاعر انسان ذات کي ڌرتيءَ جي مالڪي ڏئي ڇڏي آهي. هن غزل جي سري ۾ لفظ ”آدمي“ جيڪو رديف طور ڪم آيل آهي، رديف مقفا چوندا سين، جنهن تي عرب وڏو فخر محسوس ڪندا آهن. اها علم البيا جي گونا گونيت آهي. ان بحث کي نظر ۾ رکندي ”ممتاز“ دراني صاحب کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي. اهڙي شاعريءَ تي ريس ٿيندي آهي. جنهن ۾ ڪيئي معنائون ۽ راز پنهان هوندا آهن.

دراني صاحب هڪ ٻئي شاهڪار غزل جو مقطنو ڏسو ڇا نہ ٻن جدا ٻولين جي ترڪيبن جو سنگم ڪرايو اٿس. جڻ ڪن ٻن قومن جون بہ حسين ڪنواريون هڪ ئي وقت پنهنجي حسن جو داد وصول ڪرڻ لاءِ منتظر بيٺيون هجن ۽ جج منجهي پيا هجن تہ ڪنهن کي حسن جي ديوي قرار ڏجي! ڏسو!

مڪتفت ٿي نگاهہ اي ممتاز!

پاڻ پنهنجو وقار ڇا چئجي!

مٿين سٽ ۾ يار جي نگاهہ جو توجهہ ڇڪائي جنهن انداز سان هيٺين سٽ ۾ پنهنجي وقار ۽ شاعري جي ڳالهہ جيڪا شاعر ڇيڙي آهي، اها حيران ڪن آهي. نقاد منجهي بيهي ٿو رهي تہ محبوب جي نگاهہ متوجهہ ڪرائڻ واري داد ڏجي يا محبوب جي نظرِ عنايت ڪي داد ڏجي. هڪ پاسي مهربان نگاهہ جو معاملو آهي ۽ ٻئي پاسي توجهہ ڪرائيندڙ جي شخصيت آهي. جيئن گل ۽ خوشبو آهي جيئن روح ۽ جسم آهن هاڻ مرحوم جي ممتازي بيان ڪجي يا محبوب جي مخموري، سڪ ۽ سونهن کي ملائي شاعر منجهاري ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

مان تہ چوندس تہ ٻئي پار ڳورا آهن! پرهہ جي ماڪ جي ڳالهہ ڪيان جنهن مڪڙيءَ کي نکار بخشيو آ يا منتظر مڪڙيءَ جي ڳالهہ ڪيان جيڪا سڄي رات ماڪ ماڪ ٿي ڪندي رهي. لفظ مڪتفت جيترو اوپرو جيئن بيان ٿيو نگاهہ جي حوالي سان ۽ هوڏانهن وري وقار لفظ قافيو ڇا چئجي.

اهو دراني صاحب جي گويائي جو ڪمال آهي، هن بحث کان اڳتي هلندي ساڳي غزل جو هڪ بند ڏيڻ بہ ضروري ٿو سمجهان! جنهن ۾ ٺيٺ فارسي ترڪيبون آهن. ڏسو!

دلِ ماشاد چشم ما روشن

آمد نو بهار ڇا چئجي

هن بند جون مٿيون ٻئي ترڪيبون ”دل ماشاد چشم ماروشن“ شعر جي زندگي وڌائي ٿيون ڇڏين. ڇو؟ ان ڪري جو محبوب نو بهار جلوه گر ٿو ٿئي. محبوب جڏهن سامهون ٿو ٿئي تہ دل کي فرحت ۽ اکين ۾ چمڪ اچي ٿي وڃي. محبوب سدائين سهڻو هوندو آهي پَل ان جي عمر ڪٽي پنجاهہ سال ٿي وڃي، پر جڏهن درشن ٿو ڪرائي تہ بلوغت جي ڀرين بهار وانگي ٿو لڳي.

اهو شاعر جي لفظن جي جوڙجڪ جو ڪمال آهي. وٽيس تہ ڳالهہ وڪوڙي سڪوڙي بند گوبيءَ جي گل ۾ رکي ڇڏي، وٽيس تہ ڳالهہ سج جي روشنيءَ کان بہ ڇتي ڪري ڇڏي، هن بند ۾ دراني صاحب فارسي شاعر”ساقيءَ“ سان وڃي ڪلهي گس ڪئي آهي. اهڙي شاعر ٿي جڏهن اڳيان اچي تہ انسان جي اعليٰ هجڻ جو تصور ٿو ذهن تي اڀري اچي. هاڻي ٿا اچون نج سنڌي ترڪيبن تي ڏسو هن غزل جو مقطعو!

غم جي جهوٽن ۾ توکي ممتاز!

ان جي زلفن جي گهٽا ياد آئي!

جهڙيءَ هوا تصور جي پردن تي لهرائي گرمي ۽ جهولي کي گنوائي ٿو چڙي بلڪل جڻ هوا لڳندي ۽ ککر اڏامندو. ترڪيبن ۾ زندگيءَ جي جوڙ جو توڙ ڪرڻ هڪ ڏانءَ آهي. شاعر هٿ کان وٺي وڃي پڙهندڙ کي ماحول ۾ چڙي ۽ وري پڇيس ٿو ته واقعي شاعري ۾ جادو آهي يا نه!

شاعري جي ترڪيبن جي فن تي لکندو مون کي انهن دوستن تي کل ايندي آهي جيڪي چوندا آهن ته شاعري الهام آهي، جيڪڏهن شاعر الهام آهي ته ترڪيبي فن ڇا آهي؟ خير مان پنهنجي موضوع تي ٿو اچان. توهان کي حيران ٿو ڪيان ته

هاڻي ڏسو جهوٽن، زلفن جو ترڪيبي سٽاءُ گل دستي جي شڪل اختيار ڪرڻ ٿو بيهي، پر ان ۾ گل مختلف آهن اجا به ائين چئجي ته رابيل ۽ گلاب جو سنگم آهي جن جي خوشبو به جدا ۽ رنگ به جدا آهي. توهان ترڪيبن جو سٽاءُ ته ڪتابن ۾ پڙهيو آهي، پر هيءَ ترڪيب مصرعا آهي. ٻئي مصرعائون هڪ بند ۾ گڏ هوندي به جدا آهن. ڪاش اڄ منهنجو سعودي عرب وارو ليڪچرار دوست حجاج هٿ هجي ها ۽ توهان کي ترڪيب مصرعا جي سٽاءَ تي عربن جي لوڪ رغنا جي مصرعا بازيءَ جو ذڪر پنهنجي فصيح زبان سان ٻڌائي ها ته عرب هن ترڪيب کي ڪهڙي نظر سان ڏسندا آهن. مصرعا هڪ ٻئي کان جدا آهي، غمن ۽ زلفن جو پاڻ ۾ ڪو پري جو تعلق آهي، پر غم جي جهوٽن وڃي زلفن جي گهٽا سان ڳالهه ملائي، بظاهر ڳالهه ڏک جي آهي پر خواهش سک جي ٿا رکون يا زلفن جي چانوَ غم جي جهوٽن جي ياد ڏياري! ”تن ڏکن کي شاباس، جن محبتي ميڙيا“ هن ميڙ ۾ ڪو دوست لکڻ جهڙي مصرعا چئي، توهان ٻي مصرعا اهڙي ڏيو جو اکين ۾ لڙڪ تري اچن، اها آهي ترڪيب مصرعا. علم البيان جي دنيا ۾ هيءَ اعليٰ پائي جي صنعت به آهي.

هاڻي اچون ٿا دراني صاحب جي ان غزل ڏي جنهن ۾ ترڪيب تلسين جو لاجواب استعمال ٿيل آهي ڏسو!

”معاذ الله جهڪائي آدمي سِرُ، آدمي اڳيان،
گرا وٽ جي اها انتها ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟“

لفظ گراوٽ گرپرٽي، هندي لفظ آهي جيڪو سنڌي ۾ گراوٽ طور ڪتب اچي ٿو. فارسي زبان ۾ ان ترڪيب کي تفريس سڏيندا آهن. جيئن انگريزي لفظ پارليامينٽ کي فارسي ۾ ٿاهيائون پارليامان. هدراني صاحب گرپرٽي مان گراوٽ ٺاهي آهي انهيءَ ادبي ترڪيب تاليس جو استعمال جڏهن ادب ۽ شاعري ۾ ٿيندو آهي منهنجو عرب دوست ان واڌاري جي خوشي مان ٻهي نچي هان جيئن اسان وٽ لفظ اسٽيشن جي سنڌي لفظ ٽيشڻ ٿي آهي پر اسان جا علام سگهورا وري ان کي غلط العام جو نالو ڏيئي روح

کي رنجائي ڇڏيندا آهن ان شي کي غلط العام هرگز نہ چوڻ گهرجي اهڙي ترڪيب ڏسي منهنجي اکين ۾ خوشي جا لڙڪ تري آيا تہ هي سر زمين اهڙن فردن جي ماءُ آهي جيڪي ترقي يافتہ دور ۾ عربي ٻولي کان بہ متاثر ٿيون ترڪيبون نظر اچن ٿيون. ساڳي ترڪيب وري هن غزل جي بند ۾ ڏسو!

نفرت و عناد جو آ ملان جو مذهب يار!

اهڙي مذهب کان پيڇي وڃ بانوارا بيزار ٿي.

عربي لفظ ملاجي شد کٽي "ن" غنون ڏئي شاعري پنهنجي علمي ادبي چاڻ جو ثبوت ڏنو آهي.

دراني صاحب جي شاعري ٻين خوبين سان بہ ڀرپور آهي اميد تہ کنهن ٻئي موقعي تي ٻيو موضوع ۾ آڻبو. آخر ۾ فقط ايترو چوندس تہ کيترائي لاها، چاڙها اکين پسيا، مطالعي ۽ مشاهدي باعث سندس شاعري سيني ساڻ جهڙي آهي، ڪاش سندس فرزند وقار دراني مرحوم جي شاعري عام ۾ روشناس ڪرائي.

روزاني هلال پاڪستان 8 جون 2002ع

# آغا ممتاز دراني بحيثيت شاعر

## منير سولنگي

آغا ممتاز دراني 17 مارچ 1924ع ۾ اک کولي، ان وقت ننڍي کنڊ تي انگريزن جو پوري طرح تسلط هيو. سنڌ جو صوبو بمبئي پريزيڊينسيءَ سان ڳنڍيل هيو. سنڌي قوم غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئي. ٻهراڙيءَ جو مسلمان طبقو اقتصادي طور بدحالي جو شڪار هيو. تعليم ۽ واپار هندن جي هٿن ۾ هيو. ان وقت جا پير، مير، جاگيردار ۽ زميندار، انگريزن جي خوشامد ۾ رڌل هئا. سنڌ جي زراعت جو دارو مدار کوهن، ڀوڏن ۽ برساتن تي هيو. لائيڊ بئراج جو منصوبو مڪمل ٿيڻ تي هيو هيڏانهن سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ جي تحريڪ زورن تي هئي. سنڌ جي جدائيءَ تي ڪيترائي هندو ناراض هئا. جي ايم سيد، سرشاهنواز ڀٽو، محمد ايوب کهڙو، شيخ عبدالمجيد سنڌي، ميران محمد شاهه، حاجي عبدالله هارون ۽ ٻيا سنڌ جي جدائيءَ ۾ تمام گهڻو سرگرم هيا.

محمد ايوب کهڙو صاحب (Sufferings of Sindh) لکي سنڌ جي جدائيءَ واري ڪيس کي نهايت مضبوط ڪيو. سنڌ جي علحدگيءَ جي مخالفت ۾ پروفيسر چيٻلاڻي ۽ راءِ بهادر هيرانند اڳيرا هئا. ان جي برعڪس ڄيٺمل پرسرام ۽ سنت داس سنڌ جي جدائي جي فائدي ۾ هئا ۽ اخلاقي مدد ڏيندا رهيا. آخرڪار پهرين اپريل 1936ع تي سنڌ بمبئي کان جدا ٿي.

انهيءَ وقت آغا ممتاز دراني سنڌ مدرسته السلام ۾ زير تعليم هيو. آغا ممتاز دراني جي عمر جڏهن ڇهن يا ستن سالن جي مس هئي. تڏهن سنڌ جو مايه ناز عالم، انقلابي ليڊر ۽ انگريزن جو ڪٽر دشمن حضرت مولانا تاج محمد امروٽي صاحب جن نومبر 1929ع تي هن دنيا مان آخرت ڏانهن سفر ڪن ٿا. انگريزن سان قطع تعلقات جا لفظ سڀ کان اول حضرت مولانا امروٽي صاحب جي وات مان نڪتا هئا. جيڪي پوءِ سڄي هندستان ۾ پکڙجي ويا. آغا ممتاز جي جنم کان 3 سال اڳ ۾ مير علي نواز ناز رياست خيرپور جي تخت تي ويهي ٿو ۽ پوءِ ستت ئي لاهور جي هيرا منڊي جي طوائف اقبال بيگم عرف باليءَ سان شادي ڪري ٿو ۽ پوءِ بالي جو پاءُ بگُو نوٽ ساڙڻ شروع ڪري ٿو. 1928ع ڌاري وڏا ماڇيون ٽپي ۾ هارين ۽ رياستي فوج ۾ ڏيل تان تصادم ٿئي ٿو. جنهن ۾ ڪيترائي هاري شهيد ٿي وڃن ٿا. نتيجو اهو ٿو نڪري جو هارين جي سوڀ ٿئي ٿي. بٽئيءَ بجاءِ ڏيل جو سرشتو چالو ٿئي ٿو. هارين

جو اڳواڻ وڏيرو حاجي شفيع محمد سولنگي رياست مان رات جو پيٽ مان نڪري نئين ديري جي آس پاس ٻيرڙن ۾ روپوشيءَ جا ڏينهن گذاري ٿو.

مسجد منزل گاهه جو جهيڙو، هيمو ڪالاڻيءَ جو شهيد ٿيڻ، ڪنور ڀوڳت رام جنونين هٿان شهيد ٿيڻ جهڙا واقعا به آغا ممتاز درانيءَ جي آس پاس ٿيندا رهيا. ممتاز دراني ان وقت جناح جي مسلم ليگ ۾ شامل ٿئي ٿو جڏهن آمريڪا ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جپان جي ٻن شهرن هيرو شيما ۽ ناگا ساڪيءَ تي ائٽم بم وسائي انسانيت جو قتل ڪري ٿو. ان واقعي جي پسمنظر ۾ ممتاز درانيءَ جو هڪ نظم "چنڊ جو ماتم" لکي سامراج ۽ وحشي انسانن کي شرمايو آهي. نظم جون چند سٽون ڏجن ٿيون.

چنڊ ماتم ٿو ڪري

شرح ڪري ڪير سگهي

ڇا فرشتا هانميا تنهنجي اڳيان

تو وڌائي آزمين جي رونق

ائٽمڪ بام ۽ راڪيٽ تو ايجاد ڪيا،

ڪنهن سان تون ڪندين جنگ

يا ڪندين پاڻ کي تن سان تون تباهه

شاعري ڪنهن هڪ دور جي لاءِ ڪونه هوندي آهي، بلڪ ان منجهه ماضيءَ جو ماضي توڙي مستقبل جي مستقبل جو اولڙو نظر ايندو آهي، آغا ممتاز جي سياسي شاعري جيڪا منهنجي مطالعي هيٺ آئي آهي، سا 1940ع جي بعد جي آهي. سندس جو ادبي ڪردار بعد ئي سامهون اچي ٿو. ڇاڪاڻ ته 1947ع ۾ پاڪستان جي آزاد ٿيڻ بعد هن آدرشي انسان جيڪي خواب ڏٺا هئا. سي سڀ چڪنا چور ٿيندي نظر اچن ٿا. مثلن هڪ هنڌ چوي ٿو ته:

پاڪ جو وطن پر ڏسجي ته پليتي ٿي

اسلام جي پردي ۾ الحاد نظر آيو

اڄ سياست پنهنجي محور تي ٿي هر ڪنهن جي ڦري

پاڪ جو پيش نظر ڪنهن کي نه استحڪام آ.

جنهن انسان اهي خواب لڌا هئا ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ملڪ ۾ اسلام جو جهنڊو بلند ٿيندو. امن آشتي ٿيندي، انصاف پنهنجي جوبن تي هوندو. هر ڪو سک ۽ سانت ۾ هوندو ليڪن اهي خواب ممتاز دراني جا اڌورا رهجي ويا. ڪيس اٿاهه مايوسي ويڙهي وجي ٿي. چوي ٿو:

هئي اميد ٿيندو پاڪ ۾ انصاف پر ويتر
غريبن جي مٿان پادر اهوئي آهي اڳ جهڙو.
چمن بدليو فضا بدلي، زماني هوام بدلي
دقيانوسي مگر ڏمچر اهوئي آهي اڳ جهڙو.

مسلم ليگ جدوجهد ڪري پاڪستان حاصل ڪيو ۽ پوءِ پاڻ ئي پاڪستان ۾ ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ لڳي ويئي. پوءِ مغموم ٿي ممتاز دراني مسلم ليگ جي ليڊرن تي تنقيد ڪندي چوي ٿو ته:

پرواڊ جو وجهي پنجوڙ ڪوڙ ۾ ڪڙو ڪن ٿا
تڏهن پيي ليگ جو ليڊر اهوئي آهه اڳ جهڙو

ياد رهي ته محمد ايوب کهڙو به پرواڊ ايڪٽ هيٺ ڪشت ڪاٽيو هيو. ممتاز دراني هاريءَ کي وطن جو معمار سڏيو آهي. پر افسوس جو هاريءَ جي حالت پاڪستان ٺهڻ کان وٺي هن وقت تائين ساڳي ئي آهي ۽ ان جي حالت زار تي هن طرح خيال آرائي ڪري ٿو.

سرمايه پرستن جي هاريءَ تي حڪومت آ.
معمار وطن جو اڄ ناشاد نظر آيو.
رشوت خوري، بداخلاقي ۽ ٻي ڪرپيشن کي ڏسي ڪري هن جي دل ڏکندي رهي ٿي.
مشغول رهيا عالم تحرير فتوي ۾
هر روز نئون تن جو ارشاد نظر آيو.
مصنوئي ۽ ننگ مرشد لاءِ چوي ٿو ته:
جهن کي ٿا چون مرشد ۽ رهنما و رهبر
اخلاق بگاڙڻ جو بنياد نظر آيو
رشوت خور آفيسرن لاءِ چوي ٿو ته:
آ دام اڏيل هر هڪ آفيس ۾ رشوت جو
ننڍو ۽ وڏو آفيسر صياد نظر آيو.

ادب برائي زندگي مرحوم جي شاعريءَ ۾ ايتري ته ارزان ٿي نظر اچي جو انسان دنگ ٿو رهجي وڃي. جهڙي طرح هن غزل جو بند:

پڄائي پير پيسو ٿو آس پنهنجي پڄارن جي

جي ناٽو شاهہ اڄ مشڪل ڪشا ناهي تہ ٻيو ڇاهي.

زندگيءَ منجهہ اهڙي شاعري گهٽ نظر ايندي آهي جيڪا سمورن دورن جي ترجمان هوندي آهي. ڇا مرحوم جي هڪ غزل جو بند ان ڳالهہ جو ساکي نہ آهي.

تذڪرو بلبل ۽ گل جو باغبان اڄ فضول،

باغ جو گهر خير جيڪو ٿي رهيو نيلام آ

اسان تي نازل ٿيل حڪمرانن جا ڪُڌا ڪرتوت ڪنهن کان ڳجها ڪونہ آهن انهن جي ڪردار کي وائکو ڪندي چوي ٿو.

هن اڏيا باغ باغيچا محل

هي بہ آخر ملڪ جو معمار آ

شاعر هڪ وڏي ننول ڪندي حڪمرانن کي نندي ٿو تہ توهان فقط پنهنجا پيٽ ڀريا آهن ۽ عوام تہ اڄ بہ بک ۽ اڃ ۾ حيران ۽ پريشان آهي تہ ٻئي طرف سياسي فوجي حڪمرانن جا محل ۽ ماڙيون ڪنهن کان ڳجهيون ڪين آهن. مرحوم آغا ممتاز دراني حضرت عبدالغفور همايوني جي مشهور غزل

” تنهنجي ذلف جي بند ڪمند وڏا زندان هزارين مان نہ رڳو“

جي تتبيع تي آغا جو جڙيل هي غزل

”تنهنجي حسن نزاڪت ڇا چئجي،

تنهنجي سونهن لطافت ڇا چئجي

مستان هزارين مان نہ رڳو“

جڏهن سامهون ٿو اچي تہ دل مان آواز ٿو نڪري تہ شاعر واهہ جو حق ادا ڪيو آهي. هو ڪيڏو نہ وڏو شاعر هيو.

شاعر ڏرتيءَ سان واڳيل ڪميٽيڊ ڪارڪنن جي ڪردار بابت خوب چيو آهي.

هزار بار دنيا جي مزن انهن کي سڏيو

خيال تنهنجي کان غافل ٿيا نہ ديوان

شمع جي عشق ۾ جانيون ڏين ٿا پروانا.

اڪثر ڪري غزل ۾ حسن يار جون ڳالهيون هونديون آهن پر مرحوم جي غزلن جي اپياس مان سونهن سچ ۽ نيڪيءَ جا سبق نظر اچن ٿا.

هو خاموشيءَ بدران تڙپ ۽ جنون جي ڳالهہ ڪري جهڙي طرح:

هوا گهلي آ تہ اهڙي جو خوف طاري آ.
جي ملڪ قوم جا ها ترجمان چپ آهن
نہ ڪو آ ولولو تحريڪ نہ جوش جنون
جنهن جي دم سان هئي سي آن بان چپ آهن
آغا ممتاز دراني پاڻ پنهنجي شاعري جي وضاحت ڪندي پاڻ ٻڌائي ٿو تہ:
نوح گران عظمت انسان بہ رهياسون.

روزانو هلال پاڪستان ڪراچي 12 آگسٽ 2002ع

# آغا ممتاز دراني

## سرڪش سنڌي

مرحوم سنڌ جو ۽ اسان جي جوءِ جو انمول انسان هيو. مان تہ ٿورائتو آهيان آغا وقار حسين درانيءَ جو جنهن مونکي آغا تي بہ اکر لکڻ لاءِ چيو. جيڪا منهنجي لاءِ فخر جي ڳالهہ آهي.

اها ڳالهہ صحيح آهي تہ تاريخ جا ورق اٿلائيندي رت، جي بوءِ اچي ٿي. حملي آورن جي گهوڙن جي سنبن جا آواز ٻڌجن ٿا، پر مان چوان ٿو هي آغا سچي پچي اهو ڏاتار هو جنهن جي سيني ۾ هڪ شفاف ۽ اجري دل هئي جنهن ۾ ماڻهپي ۽ محبت جا سمنڊ هئا. هي سنڌ جو اهو سرويچ انسان هيو. جيڪڏهن ابدالي دور ۾ بہ هجي ها تہ حق ۽ سچ جي واٽ وٺي ها.

اهڙا ماڻهو سدائين عالمي ضميرن جا امين هوندا آهن. هي انهن امينن مان هڪ امين هيو. ممتاز خان هڪ جنگجو قبيلي مان هيو. پر هن کي ڌرتيءَ اهڙي تيج پيئاري جو سندس خاندان هميشہ لاءِ هن ڌرتيءَ جو ٿي ويو ۽ ڪڏهن محسوس نہ ٿيو تہ هي ڪي ڌاريا هئا. جنهن ماڻهو کي شاهہ لطيف برزبان ياد هجي. ان کان بهتر ڪير سنڌي ٿي سگهي ٿو. مونکي ارمان تہ انهن ماڻهن جو آهي جيڪي سٺ سالن کان سنڌ ۾ آهن پر سنڌي نہ ٿي سگهيا آهن ۽ اڄ بہ اهي دهشتگرد ئي آهن.

ارغون آيا سنڌي ٿي ويا، ترخان آيا سنڌي ٿي ويا، مغل آيا بازڪزئي آيا، دراني آيا سنڌي ٿي ويا قريشي ۽ سيد آيا سنڌي ٿي ويا.

اهڙا سنڌي ٿي ويا جهڙا اسين آهيون. هاڻي تہ آغا ممتاز رڳو وقار درانيءَ جو ناهي ڳڙهي ياسين جو يا شڪارپور جو ڪونہ آهي هو تہ سڄي سنڌ جو آهي. اسين هڙني اهل قلم ۽ اهل دل وارن جو آهي. مونکي علي احمد بروهيءَ ٻڌايو تہ طنز مزاح ۾ منهنجو جيڪو مقام آهي اهو ممتاز حسين جي ڪري آهي.

ممتاز دراني کي مون ڪڏهن بہ شخصيت پرست نہ ڏٺو. هي آدرشي انسان هڪ اصول ۽ هڪ ئي مڪتبئہ فڪر جو ماڻهو هيو. سندس شاعري پڻ ان ڳالهہ جي گواهہ آهي.

هي قومي طبقاتي انقلاب جو حامي هيو شخصيت پرستي هن لاءِ هڪ ثانوي حيثيت رکندي هئي.

هن جي شاعريءَ جو مطالعو ڪندي ڏسون ٿا تہ، جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو ايوب خان جي دور ۾ فاطمہ جناح ۽ جمهوريت بدران ڊڪٽيٽر ايوب سان گڏ هيو تہ، آغا ممتاز حسين هيئن مٿس تنقيد ڪئي:

ٻڌائي تال ۽ سُر ۾ پيو هر هر بيت هي ذلفي
اسان هر گهوٽ جا آهيون ستن پيڙهين کان شيدائي.

۽ اهو ئي ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن آمر سان مهاڏو اٽڪايو ۽ موت جي اکين ۾ اکيون ملايون تہ ان لاءِ هيئن لکيائين:

شهادت رات حضرت قاعدِ عوام هو تنها
چڙهي سوريءَ تي هن پيتو اجل جو جام هو تنها
هيا حسين سان گڏ ٻاهتر ساٿي قتل گاهہ ۾
مگر هن ڪربلا ۾ وقت جو امام هو تنها

يعنيٰ پوءِ ذلفيءَ مان ڪيس قائدِ عوام سڏڻ لڳو. اها هئي سندس جي حق ۽ سچ سان ڪمٽمنٽ هو هڪ روشن خيال ۽ ترقي پسند ذهن جو مالڪ هيو. ان وقت جي پير پرست معاشري کي هيئن چئلينج ڪيو:

ڪڍائن ٽيون اڇن جنات پنهنجي جسم مان ڪنواريون
ٽي جهومي ساز تي جواني اي فاضل شاهہ جيلان
تجارت قبر تنهنجيءَ جي مجاور ڪن ٿا
عقاعد جي ٿي ارزاني اي فاضل شاهہ جيلاني

منهنجي خيال مطابق اهڙو غزل جيڪر ٽيڪسٽ بوڪن ۾ داخل هجي جيئن عوام ميرن، پيرن جي ڪوڙن ناٽڪن ۽ نڳين ۾ نہ ڦاسي. آخر ۾ سندس عقيدت ۾ هي نظم پيش ڪيان ٿو.

ڪي انسان تہ جيئري ئي مري ويندا آهن
ڪي امر موت پڄاڻان بہ تہ ٿي ويندا آهن
ڪنهن جو گهر ۾ بہ نہ هوند آ وٿي تي نالو
ڪي سڄي قوم جي تاريخ لکي ويندا آهن
ڪي ويندا هن تہ پتو ڪنهن کي نہ پوندو آهي
ڪي جي ويندا آهن تہ شهر رلي ويندا آهن

***

# منهنجو سائينءَ منهنجو رهبر

## غلام مصطفيٰ دَلُ

جنهن قلم سان اڄ هي ٿورو منتشر خيالات خراج عقيدت جي پيتا لاءِ آغا ممتاز حسين درانيءَ جي نظر ڪري رهيو آهيان هي قلم هلائڻ انهيءَ ئي ته سيکاريو هو. هو منهنجو مهربان استاد هو زندگيءَ جي جنگ لڙڻ جو اعتماد حوصلي نه هارڻ جو جذبو ۽ الائي ڇا ڇا ان جي تربيت جو نتيجو آهن. ان جي اوچتي موت منهنجي خيالن کي ايڏو ته پريشان ڪيو جو ڪيترا سال لکان ڇا نه لکان جي ڪيفيت ۾ مبتلا رهيس. مونکي آغا ممتاز جو قول ياد آيو ڪنهن به ڪم جي صحيح تڪميل جي لاءِ ماڻهوءَ ۾ فقط شوق جو هجڻ ڪافي نه آهي. بلڪ لست هجڻ کپي. ڏاهي بڻجڻ لاءِ اهو ڪڏهن به ضروري نه آهي ته ان جي پنيءَ تي گهڻا ڪتاب رکيل هجن يا سيني تي اعليٰ ترين سونا ٻلا لڳل هجن. ڏاها در حقيقت پيدائشِي هوندا آهن. اهي نصابي نه هوندا آهن ڏاهي جي غير معمولي ذهانت ئي ان کي اعليٰ بڻائيندي آهي. مان پالجتي کان پنهنجي پاءُ دلدار احمد دل سان گڏجي آغا ممتاز دراني جي بنگلي تي ايندا هئاسين. مون کي ياد نٿو اچي ته ڪڏهن ڪو هڪ ڏينهن سندس ڪچهريءَ ۾ نه ويٺو هوندس ۽ سندس طلسماتي سحر جي اثر کان سيراب نه ٿيو هوندس. هو جڏهن تاريخ تي ڳالهائيندو هو ته ائين لڳندو هو ته سوين ڪتاب پنهنجي مانَ مرتبي کي وڌائڻ خاطر ان حسرت ۾ هوندا هئا. شل اسان کي ڇهيو وڃي. سندس لفظ ڪڏهن تاج محل ٺاهيندا هئا ته ڪڏهن پاڻي پٽ جي جنگ جي منظر ڪشي ڪندا هئا. مان دعويٰ سان چوان ٿو هندستان جي فلم نورجهان ۽ مغل اعظم گهڻو پوءِ ڏٺو هو. ان کان گهڻو اڳ آغا ممتاز دراني مغلن ۽ خصوصاً اڪبر اعظم جي تاريخ جي اهڙي ته منظر ڪشي ڪئي ۽ جلا الدين محمد اڪبر ۽ شيخو بابا جي وچ ۾ ويڙهه مهل احساسن جذبن جي ته چترڪاري ڪئي هئي جو پرٿوي راج جي فلم مونکي ڪافي تشنه لڳي هئي. دراني صاحب جي علم ۽ ادراڪ تي ڳالهائڻ مون جهڙي گهٽ علم واري لاءِ ناممڪن بلڪ عمال بي ادبي آهي. مرحوم سان اسان جي خاندان جا روحاني ۽ جذباتي تعلقات هئا. منهنجي وڏي پاءُ جي موت کان پوءِ به سندس خدمت ۾ حاضريون ڀريندو رهيس. منهنجو والد مرحوم سکيا خان دل خان جن سان برادرانا رشتا هئا. آغا ممتاز خان جي بنگلي تي پاڙا پاڻيءَ ۽ اَن سان ڀريل نظر ايندا هئا. جنهن سبب بنگلي تي بيٺل ئي وڻن ۽ بنگلي سامهون بورچيخاني ۽ نلڪي جي ڪُنڊي جي ڇتن تي پکين جا ميڙا ڪا ڏسندو هوس. آءُ هڪ ڏينهن حيران ٿي ويس جو

خان پنهنجي نوڪر عظيم ٻوهئي کي چيائين تہ هو سامهون جيڪو ڪٻرين جو ٽولو ڏسين ٿو. ان ۾ چار ڪٻريون ڪومايل آهن شايد گرم ڏينهن سٺيو اٿن. ان وقت آءٌ حيران ٿيندو هوس تہ آغا پکين جي صحت جو ڪيڏو خيال رکن ٿا. بنگلي جي ٻاهران جڏهن ٿلهي تي خان ويندو هو تہ پوءِ رولو گڏهن ۽ ڪتن جو بہ خيال رکندو هو. هن بنگلي ٻاهران چوسول تي ٽائون ڪميٽي سان لک پڙهہ ڪري نلڪو ۽ وڏو حوض ٺهرايو. جيئن جانور پاڻي پي سگهن. اهو آغا محمد شريف خان جي شهر جو ٽيون دفعو چيرمين ٽائون ڪاميٽي چونڊجڻ وارو دور هو. جيڪو ڳڙهي ياسين جي تاريخ ۾ هڪ رڪارڊ آهي. جيئن جانور پنهنجي اُڃ اجهائي سگهن. اجان بہ مونکي حيرانگي ٿي جڏهن ڪجهہ هيٺا جانور گهٽين سان گذرن پيا. آغا جانورن جو ڊاڪٽر 3 ڏينهن بنگلي ۾ ويهاري سندن جو علاج ڪرايائين. اجان بہ شل نہ ڪو شهر يا پاڙي وارو بيمار ٿئي ۽ خان کي خبر پئي هو هڪدم ڊاڪٽر گهرائيندو. پر ڊاڪٽرن سان پڻ ان سبب ڪري هميشہ دوستي رکندو هيو. هن فقيرن منش جي مطالعي سبب ايلوپٿي ٽوڙي حڪمت منجهہ وڏي هٿ پهچ هيس. هر روز ڪيترائي بيمار ايندا هئا. جيڪي دوا وٺڻ ايندا هئا.

مون جڏهن آغا جي بنگلي تي اينمري شل کي فقط آغا ممتاز خان سان ئي مخاطب ٿيندي ڏٺو هيو. جنهنجي پاءُ دلدار احمد دل اديب جا حسام الدين راشدي سان تعلقات هيا. ادا ٻڌايو هيو تہ آغا ممتاز دراني جي طفيل ئي راشدي پائرن سان تعلق ٿيا هئا. دراني صاحب بلا جو ڏاتار هيو. تاريخ عالم، تاريخ اسلام، تاريخ سنڌ جي ڄڻ اٿارٽي رکندو هو. سندس لائبريري منجهہ هر ڪتاب تي سندس جا فوٽ نوٽ ڏسي حيران ٿيندو هوس. سندس ڪتابن جي چونڊ مان ئي سندس جي علمي قد جي خبر پئجي سگهي ٿي. سندس سياسي بلاغات جي ڪٿا ڪرڻ ئي مشڪل آهي. واليٽر سان بہ واقفيت هيس تہ سارتر مان بہ سرور وٺندو هو. برٽن رسل تي سندس تنقيدي تبصرن تي اي ڪي بروهي کي قائل ڪيو تہ بروهي چئي ڏنو تہ ممتاز تون صحيح آهين. اي ڪي بروهي ۽ بدر عالم سندس علم جا مداح هئا. علي احمد بروهي ٻڌائيندو هيو تہ ادا وڏي يعني اي ڪي بروهي فقط ممتاز خان سان گڏجي ٿهڪ ڏيندو آهي. ورنہ ادا کي ڪڏهن کلندي تہ ڇا ڏند ٽيڙيندي بہ ڪونہ ڏٺو هو. اسين علي احمد کي چيوسين تہ پنهنجي پاءُ کان بہ ڪونہ ٿو مڙين+ 1977ع جي 5 جولاءِ کان پوءِ جڏهن ضياء الحق پٽي صاحب جو تختو اونڌو ڪري ملڪ جي حاڪم بڻيو ۽ اسلام جي نالي ۾ ملڪ جي پيڻگ ڪري ويو. ڪلاشنڪوف، هيروئن جي وبا، ايم ڪيو ايم کي جوڙڻ ۽ سنڌ جي ميرن، پيرن ۽ پوتارن کي ٻيهر سگهارو ڪري سنڌي عوام کي هميشہ لاءِ ڏچي ۾ وجهي ويو. ان وقت کان اي ڪي بروهي سان ممتاز خان ملڻ ۽ خطو ڪتابت جو سلسلو منقطع ٿيو ۽ پوءِ اهڙا جدا ٿيا جو اي ڪي بروهي جي جنازي ۾ آغا

ممتاز دراني شامل ڪونہ ٿيو هيو 40 تي علي احمد بروهي سان سندس جو عذر ڪيو هئائين. علي احمد بروهي کي آغا ممتاز دراني ئي اتساهيو جنهن کان پوءِ علي احمد بروهي پٽي صاحب تي هڪ علامتي ڪهاڻي ”واريءَ سندا ڪوٽ“ لکي هئي. ۽ پوءِ علي احمد بروهي اها لطيف ڊائجسٽ ۾ ڇپرائي جڏهن آغا ممتاز دراني جي بنگلي تي ڪٽي آيو هيو تہ هو ان ڏينهن ڏاڍي زور دار طريقي سان پٽي صاحب جي شهادت تي رنو هيو ۽ پنهنجي پاڻ جي ڪردار کي ننديو هئائين ان رات ئي آغا ممتاز دراني پٽي صاحب تي مشهور نظم لکيو هيو.

شهادت رات حضرت قائد عوام هو تنها

چڙهي سوري تي هن پيتو اجل جو جام هو تنها

هيا حسين سان گڏ ٻاهتر ساٿي قتل گاهہ ۾

مگر هن ڪربلا ۾ وقت جو امام هو تنها

گهٽايو ڪونہ مودوي، بروهي، پير ۽ اصغر

انهي سازش جو جاڙ انڪل سام هو تنها

جڏهن علي احمد بروهي صاحب کي ٻڌايا پئي تہ بروهي ڇيو تہ تاريخ بي رحم آهي ۽ جڏهن انصاف ڪندي آهي تہ پوءِ ڪوبہ گنگهار بچي ڪونہ سگهندو آهي.

آغا ممتاز دراني رجعت پسنداني ۽ ڪڏهن رسمن جي خلاف هڪ شهڪار نظم لکيو هيو.

چتائن خاڪ مرقد جي چرين کي چو تہ سياڻا ٿين

صريحا آه ناداني اي فاضل شاهہ جيلاني

بتن وانگر قبر تنهنجي ٿا پوڄن حيف ڪلمي گو

ڏسو اسان جي مسلماني، اي فاضل شاهہ جيلاني

نہ اٿندا سوز اسرافيل کان اڳ ۾ قبر وارا

اهو آ امر رباني اي فاضل شاهہ جيلاني

آمريڪي اشاري تي ملن ۽ ملٽري ملي ڪري نَوَ جماعتن جو اتحاد 9 ستارا ٺاهيو. جمهوريت خلاف ڪامياب سازش ڪئي. پوءِ ايشيا جو انتهائي گندو آمر جنهن اردن ۾ هزارين هٿين خالي بيگناه فلسطيني ماريا هئا. ضياءُ الحق اقتدار جي مسند تي ويٺو تہ ممتاز دراني آمريت خلاف هڪ زبردست گيت لکيو.

بے رحم سیاستداں قصیدہ خواں

خلیل کے مخالف نمرود کے نگہباں

فرعون کے مصاحب موسیٰ کے دشمن جاں

یزیدیت کے حامي حسینیت سے نالاں

اس دور کے ھومر واں بے رحم سیاستداں

آغاممتاز دراني اهو روشن دماغ انسان هيو جنهن جو عقل ۽ خرد جي جوت جو جرڪاءُ جهالت جي اونداهہ ۾ روشنيءَ جو ڪم ڏيندو هيو.

آخر ۾ سندس غزل جي بند سان پنهنجو مضمون بند ٿو ڪريان.

تذڪرو بلبل ۽ گل جو باغبان اڄ ا فضول

باغ جو گهُر خير، جيڪو ٿي رهيو نيلام آ

❋❋❋

# آغا ممتاز: تصوف ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي آئيني ۾

## اشرف الزمان پير چنڊامي

”اباڙي گهل ڙي گهوڙا ڙي“ سنڌ ۾ اڄ بہ ڪنهن لٽ بندوق جي جهيڙي يا عام ڪنهن ظلم مصيبت ۾ سنڌي ماڻهو خاص ڪري عورتون ۽ ٻار، پنهنجي وارثن کي ڪنهن ٿيندڙ جهيڙي جو اطلاع ڏيڻ يا دانهن لاءِ. اهو جملو وڏي آواز ۾ اوٻاڪيءَ سان رَڙجي صورت ۾ ورجائيندا آهن يا ڪنهن ظلم ڏاڙي، چوري ۽ مصيبت جي وقت ۾ ”اباڙي“ ” گهل ڙي“ ”گهوڙا ڙي“ چوندا آهن.

اِهو ”گهل گهوڙا“ هن وقت اصطلاح آهي ظلم ۽ مصيبت وقت دانهن جو جيڪو اڄ کان اڳ اڍائي ٽي سؤ سال اڳ سنڌ تي، يا سنڌ ڏانهن ٿيندڙ ظلم يا ظلمن، غاضبن، ڏاڙيلن، لٽيرن ڌورن جي ڪاهہ يا چڙهائيءَ جو علامتي اطلاع واري سڏ يا نعرو هو يا شهر ۽ ڳوٺ ۽ گهر وارن کي هوشياري ڪرڻ خبر ڏيڻ ۽ پڪارڻ جو پيغام هو جيڪو رڙجي صورت ۾ هو ۽ آهي.

بهرحال گهل معنيٰ فوج ۽ گهلو يا گهلرن مان مراد اُهي ماڻهو آهن جيڪي ٽولي يا لشڪر جي صورت ۾ آهن. اِهي بہ سنڌ ننڌڪي هئي. آهي تہ اڄ بہ ننڌڪن ۾ شمار ٿئي ٿي اڳ بہ نالي چڙهيا وارث هوندا هئا ۽ اڄ بہ ڪجهہ فرد اهڙي وارثي جي دعويٰ ڪندا آهن اڳ وارا بہ اڄ وارن وانگر ڪمزور، ويڪائو، وڪريل يا غدار هوندا جو سنڌ پئي سدائين گهوڙن ۽ گهلرن هينان پئي لتاڙجي جيئن اڄ لانگ بوٽن جي هينان پئي لتاڙجي.

اهي گهلر ڪير هئا؟ اهي افغاني ڪابل، قنڌار جا پشتون پٺاڻ، ارغون، ترخان، مغل هئا. يا ايراني پارسي پنان اسان سنڌين کي سڀ اتر اولهہ وارا پٺاڻ ئي نظر ۽ سمجهہ ۾ ايندا آهن.

اهو خطرو اڳ بہ هو تہ اڄ بہ آهي بلڪ خطرو ڇا؟ بلڪ خطرناڪ تباهي وارو سلسلو جاري آهي ۽ گهٽي قدر اهو سلسلو خاموش ۽ چور جي آهٽ وانگر هلندو پيو ٿو رهي ۽ اسين ڏسون ٿا تہ پنهنجن جوئي ان ۾ هٿ آهي ۽ ائين ئي سنڌي شاعر اظهار ڪيو آهي.

مون پڪ سڃاتا پنهنجا هئا.

ڪي ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾

انهن گهلرن ۽ گهوڙن جو اڳ لنگهہ سکر ۽ شڪارپور سنڌ جو رستو هئو تہ اڄ بہ آهي سنڌ ۾ خصوصاً شڪارپور واري علائقي سلطان ڪوٽ شڪارپور، ڳڙهي ياسين مدئجي، آدمجي، باگڙجي،

گوسڙجي، سهڪجي جهڙن شهرن ۾ گهوڙا ٻڌي جاگيرون هٿ ڪري وينا اڄ سندن پويون نسل ساڳئي نٽ نانگر سان رهندو پيو اچي.

جيئن تہ اهو هڪ الڳ ۽ وڏو موضوع آهي پر هت مان خاص آغا ممتاز دراني ءَ تي لکڻ جي ڪوشش ڪندس.

سنڌ جي لک پتي شاعر سائين نثار بزمي ءَ آغا ممتاز دراني ءَ جي لاءِ هڪ شعر لکيو هو.

توں مهنجو آن توں منهنجو آن.

توں ڏاريو هاڻي ڏاريو ناهين

توں سنڌ کي ڪيو پنهنجو آن،

توں مونکي ڪيو پنهنجون آن،

مان تنهنجون آن، مان تنهنجو آن.

توں منهنجو آن، توں منهنجو آن.

آغا ممتاز خان دراني جنهن نہ رڳو سنڌ ڌرتي ءَ تي اکيون کولڻ سان پنهنجي ڏاريائيپ واري وجود کي رد ڪيو بلڪ سنڌ ڌرتي ءَ سان قديمي ڳانڍاپو ڳنڍيندي چيو تہ:

آءُ آڳاٽو آهيان موهن دڙي کان موجود،

آد جڳاد کان آهيان ڪير وڃائيندو وجود،

ٿيندين پاڻ نابود، هوندس آءٌ هر دؤر ۾.

مان 1984ع ۾ 21 ايڪوهين سالن جي عمر ۾ شاعري ءَ سکڻ جي شوق ۾ پنهنجي محترم مرحوم استاد سنڌ جي عوامي نصابي لکپتي شاعر سائين نثار بزمي صاحب سان مرزا پور ۾ مليس جيڪا پنجن ڪوهن جي پنڌ تي ڳڙهي ياسين شهر کان پري آهي پوءِ ان زندگي ءَ جي سفر ۾ سائين بزمي صاحب کان سنڌ جي ٻين نون پراڻن شاعرن جي نالن ۽ ذڪر سان گڏ آغا ممتاز خان دراني ءَ جو نالو بہ وڏي احترام ۽ شَدَ مَدَ سان ٻڌم، ٻئي هم عصر ۽ هم عمر شاعر بہ هيا تہ ڪن ڳالهين ۾ هڪجهڙائي بہ رکن پيا. مثلاً سائين بزمي صاحب مرزا پورجايو. جوڻيجن جي وڏيرڪي خاندان سان تعلق رکندڙ هيو تہ آغا ممتاز خان دراني بہ ڳڙهي ياسين جي جاگيرداري گهراڻي مان......... سائين بزمي صاحب بہ خود دار هيو تہ ممتاز خان بہ درجا وڌيڪ......... سائين بزخمي صاحب اڪثر پنهنجي ادبي شياني مان گهٽ نرڪندو هو تہ ممتاز خان بہ......... پر بزمي صاحب اڃا سنڌ ۾ ادبي محفلن مشاعرن ۾

ويندو هو ۽ ريڊيو، ٽيليويزن جي پروگرامن ۾ به شرڪت ڪندو هو پر ممتاز خان ته اهڙين آفرن کي به رد ڪيو.

ان عرصي ۾ ممتاز خان ڪڏهن به بزمي صاحب وٽ ڪونه آيو پر بزمي صاحب دفعا قدم ڀري ممتاز خان جي آڳر تي پڌرايو مونکي پاڻ سان ڪجھه دفعا ساڻ ملايو ۽ آغا ممتاز خان جي شخصيت ۽ شاعري کان روشناس ڪرايو. مون ممتاز خان کي ويجهي کان ويجهو ڏٺو. پر ممتاز خان وٽ رڳو بزمي صاحب نه، پر مرحوم سائين تنوير عباسي، مرحوم نياز همايوني، مرحوم سائين اعظم عباسي ۽ ٻيا ايندي ۽ راتيون رهندي به ڏٺا ۽ ٻُڌا. آغا ممتاز خان حد درجي جو آڳر تي آڌرياءُ ڪرڻ وارو ۽ مهمان نوازيءَ جو حق ادا ڪرڻ ڄاڻندو هو.

آغا ممتاز مرحوم جي جاتي پٽي ذوالفقار علي خان سان محبت هجڻ ڪري پيپلز پارٽيءَ سان سياسي عشق جهرو رشتو هيو اتي سائين رسول بخش پليجي صاحب سان محبت سنڌ ڌرتي سان حب هجڻ به ثبوت آهي. اهو ئي سبب آهي ته سندس شاعري ۾ جاتي شهيد ڀٽي صاحب جا به گيت ڳايل ڏسجن ٿا ته اتي ان کان وڌيڪ سنڌ ڌرتيءَ لاءِ اٿاهه اتساهه ملي ٿو ۽ مون ڏٺو به...

آغا ممتاز خان مرحوم جتي شاعري ۾ مڪمل علم العروض مطابق، گيت غزل نظم وايون به ورجايون ته اتي اصل سنڌي شاعري جو ورثو ڏوهيڙا يعني بيت به چيا آهن ۽ اهي لطيف سرڪار جي بيتن جيان ڏيڍوٽا ٻيڻا ٽيڻا آهن ته پنجوٽا به چيا آهن. مون سندس اها شاعري به پڙهي آهي ته بيت به..... پر مون سندس تخيل روح، جسماني شخصيت، مذهبي ۽ سياسي عقيدي کي سندس چيل بيتن ۾ ڳولي لهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن ۾ هو مونکي بلڪل پاڻ ۾ نج سنڌي صوفي شاعرن وانگر نظر آيو آهي جيڪي بلڪل پاڻ ۾ الله احد ڳولڻ ۽ پنهنجي ماتر ڀوميءَ لاءِ سوچڻ ۽ لوچڻ جي گَسُ ٻڌائن ٿا ۽ واٽ وٺڻ ۽ وٺائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ رهبري ڪن ٿا.

ڀٽائي سرڪار جيان،

”ووڙين ڇو وٽڪار ۾

هت نه ڳولين هوت کي.“

آغا ممتاز خان به ڀٽائي سرڪار جي نظريي جي تائيد ڪندي ساڳي ئي ڳڻ ڳولڻ لاءِ چوي ٿو ته

ويچار ڪر وجود جو روح سان ڪر رهاڻ،

نڪو جانب جبلن ۾ ڪِيد نه ڪنهنجي ڪاڻ،

خود ۾ خدا جاڻ، ڀٽڪين ڇو ٿو ٻرن ۾.

يا

پنهنجو پاڻ پروڙ آهين الله پاڻ تون،

رکيئہ فقط جي ربَ تي، هڻُ ٽينديئي معذور،

جيءَ کي نہ جهور، ٻيون ٻاتيون ٿي ٻلائڻ جون

رڳو مثال طور آغا ممتاز کي انهن بيتن جي آئيني ۾ ڏسو تہ هو سنڌي صوفي واٽ وناٺيندڙن جي قطار ۾ نظر اچي ٿو ۽ ان ۾ اصطلاحي طور تي اهو ئي شعر دڳ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ بندو خودمختيار ڪري ڌرتيءَ تي موڪليو ويو آهي. هو سڀ ڪجھ هاڻي پاڻ ئي آهي. پاڻ تي ئي ڀاڙي ۽ پاڻ تي ئي ڀروسو ڪري ۽ اهڙي ئي شرعي تصوف جي سلسلي سان جيئڻ مرڻ جو ڳانڍاپو ڳنڍي زندگيءَ جي ڏکن سکن کي ساڻ ڪٽي هو ڌرتيءَ سان دين ڳنڍي جيئڻ لاءِ اول سورن سکڻ جو سبق ڏئي ٿو تہ:

جوتِ جنگيون جيئڻ ڪاڻ ڏيھہ ۾ آهن ڏک،

سوز سهڻ تون سک، جي اٽڪٺو اٿئي عقابن سان

هڪ سچو صوفي ۽ ديشي جيئڻ لاءِ ۽ سکن کي پسڻ لاءِ اول سورن سکڻ جو ئي سبق ڏيندو آهي سنڌ جي سدا حيات لطيف سرڪار يا سچل سائين، بيدل سرڪار ۽ ڀڳت ڪبير ۽ سهڻي ساميءَ جي اها ئي نظرياتي روايت پئي رهي آهي.

مرشد لطيف جيئن چيو آهي تہ:

سورهيہ مري سوڀ کي تہ دل جا وهم وسار

هڻ ڀالا وڙھہ ڀاڪرين آڏي ڀال مَ ڀار،

مٿان تيغ ترار، مار تہ متارو ٿئين

يا

جيها سي تيها مون مارون مڃيا

مون جهڙيون ملير ۾ چونڊن موڪ ميها

منهنجي آس اِها ڪڏهن ڪيرائيندو ڪوٽ کي.

بلڪل ائين آغا ممتاز خان بہ ورجائي ٿو تہ:

سورهيہ سمجهي پاڻ کي موت پسي نہ موت

لڳئي نيزو نرڙ ۾ گهاءُ کائي ٿيءُ گهوٽ،

جي اج بہ ٽين اروٽ، سورهہ نہ سڏائج سنڌ جو

يا

جي سڪ اٿئي ساڻيهہ جي پو عشق نہ چئبو ائين،
وقت وڃائيندا وات ۾، سي ڪوٽ ڪيرائيندا ڪيئن
هئڻ ڪپي هيئن، اج ئي اٽڪون عقابن سان.

صوفي شاعر جو شعر ڪڏهن بہ هڪ طرفو نہ ٿيندو آهي زندگيءَ گذارڻ جي هر وات ۾ هر وکر ان کي ملندو آ. آغا ممتاز رڳو بئي کي هُشي ۾ عقابن سان اٽڪڻ جي صلاح نہ ٿو ڏي پر پاڻ بہ ميدان ۾ سندرو ساهي گڏجي هلڻ لاءِ چوي ٿو.

اُهُو ۾ اهي عقاب ڪير ۾ ڪهڙا آهن اها هر ماڻهوءَ کي پنهنجي پر ۾ چڱي طرح خبر آهي. عقاب پنهنجي وجود ۾ بہ آهي جنهن سان اول وڙهڻو ۾ ان کي مارڻو آ. جڏهن پنهنجي اندر وارو عقاب مرندو تہ ٻاهرين عقابن سان وڙهڻ آسان ٿي پوندو آهي. اهو هڪ صوفي شاعر گسُ آهي سنڌ ڌرتيءَ تي ڪلهہ بہ عقاب آيا تہ اج بہ عقابن جي يلغار آهي تہ اج انهن سان گڏ پنهنجو ۾ سنڌي سڏائيندڙ عقابن جي بہ لٽ مار آهي ۾ اهي سورَ جاتي آغا ممتاز خان پٽي پٽي ۾ ڏسي انهن سان مهاڏو اٽڪائي هتان هليو ويو.

آدسي آديس، هٿائون ڪري هليا
ڪاپڙين قلب ۾، ڪيو ڏورانهون ديس
ويراڳين نئون ويس، روال ڍڪي رميا "شاهہ"

اج سندس وڏو فرزند (جنهن هي مضمون مونکي لکڻ لاءِ امُرُ ڪيو) آغا وقار دراني بہ سور پٽي رهيو آهي، اهو ڏينهن خالي ڪونهي جنهن ڏينهن نثر ۾ نظم جي صورت ۾ موبائيل فون تي آغا وقار جا سنڌ ڌرتي ۾ سنڌي ماڻهن جا عذاب ۾ پيڙجڻ وارا ۾ سنڌ ڌرتي ڪپڻ ڪپائڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ تي راتاهو هڻڻ ۾ پنهنجن ۾ پروان هٿان مرڻ ۾ مارجڻ جا مسيج نہ ايندا هجن. مان سمجهان ٿو جيڪي بہ دوست آغا وقار جي رويرو يا فون جي رابطي ۾ رهندا هوندا. اهي ان ڳالهہ جي چٽيءَ جي رکواليءَ واري ڪمان ڪٽي اڳتي جانشين طور ڪمانڊر واريون واڳون سنڀالي نڪتو هجي. مسلسل داهيندو ۾ ڪاهيندو پيو اچي ۾ اسان جهڙن سست ڪاهل طبيعت رکندڙ ن کي بہ سنڌ جا سور ٻڌائي هلڻ ۾ ساٿ ڏيڻ جي صلاح ڏيندو پيو اچي.

***

# دراني بارڪزئي خاندان جي شجري بابت ڄاڻ ۽ ڳڙهي ياسين جي مختصر تاريخ

## پروفيسر آغا وقار دراني

ڌرتيءَ جي گولي تي قديم ترين ملڪن ۽ تهذيبن ۾ سنڌ جو شمار ٿئي ٿو. سنڌ ڌرتيءَ جون حدون هر دور ۾ گهٽبيون ۽ تبديل ٿينديون رهيون آهن. ڪڏهن ته هماليه ڪان نڪرندڙ سنڌو درياءَ جي ڪپرن واري علائقي کي سنڌ سڏيو ويندو هيو. مڪران ۽ بلوچستان ته ڪالهه تائين سنڌ پرڳڻي ۾ شامل هيا. پر ان حوالي سان تاريخ ۾ جوڳو احوال ڪونه ٿو ملي. 494ع کان راءِ خاندان ۽ ان کان پوءِ برهمڻ خاندان جيڪو 710ع تائين حاڪم رهيو. انهن دورن بابت به معلومات ڪونه ٿي ملي. 710ع کان وٺي 1055ع تائين عربن جي سنڌ تي حاڪميت رهي پر ان دور جي به ڪا مستند تاريخ نٿي ملي نه وري ڪو عرب حاڪمن جي تسلط واري دور جي عرب تاريخ جي ڪتابن منجهه به سنڌ جي تاريخ ڄڻ نظر انداز ٿيل آهي. عربن جي هاباري خاندان جي خاتمي کان پوءِ پهريون دفعو اسان جا پنهنجا سومرا ۽ پوءِ سما خاندان 1050ع کان 1520ع تائين حڪمران رهيا. پر تڏهن به ڪا تاريخ ڪونه لکي وئي. جيڪڏهن سنڌ جي تاريخ جي سائنسي انداز ۾ کوجنا ڪجي ته ان نتيجي تي پهچندا سين ته سومرن ۽ سمن تي ڪو جامع ڪتاب لکڻ به ڏاڍو دشوار آهي 1521ع کان ارغون, ترخان ۽ پوءِ مغل 1700ع حاڪم رهيا پر صحيح تاريخ تائين رسائي تمام مشڪل آهي. بي صرف گهوڙا ڙي الله ڙي! جهڙي واويلا تاريخ سرجي سگهي آهي. 1700ع کان 1782ع تائين ڪلهوڙا حڪمران به اقتدار ۾ آيا. پر هو سنڌ تي حڪمراني برقرار کي ڪونه سگهيا.

جڏهن ته ڪلهوڙا دور کان وٺي افغانستان جي بارڪزئي خاندان جو سنڌ سان تعلق رهندو آيو آهي. سردين ۾ ڪابل ۽ قندار کان پناڻ سنڌ ايندا هئا ۽ وري سنڌ جا ديوان, پارسي ۽ ٻيا سنڌي وري گرمين ۾ ڪابل ۽ قندار سير ۽ واپار سانگي ايندا ويندا هئا. جنهن سبب سنڌين ۽ پناڻن جا پاڻ ۾ برادرانه تعلقات ٿي ويا هئا. قنڌار ۾ شڪارپور نالي بازار پڻ قائم ٿي.

سنڌ ۾ 1782ع کان 1883ع تائين ٽالپر حڪمران رهيا جنهن چوياري جي انداز ۾ حڪمراني ڪئي.

1827ع ۾ ڊاڪٽر جيمس برنس سنڌ جي اپياس لاءِ هت آيل هيو. ان وقت پنجاب جو راجا رجيت سنگهه سنڌ تي قبضي جا عزم رکڻ شروع ڪيا ۽ سنڌ کي پنجاب پرڳڻي ۾ شامل ڪرڻ جا

سانياها شروع ڪيا اهڙي سازش جي ڄاڻ جڏهن ٽالپر ميرن کي پئي تہ اهي پريشان ٿيا. پر انهن حاڪمن پنهنجي حفاظت جون تياريون حيدر آباد ۽ ميرپور خاص تائين محدود رکيون. پر اتر سنڌ واري علائقي سکر بکر شڪارپور وارن علائقن ۾ سنڌ جي اڙٻنگ سومرن سان گڏجي بارڪزئي پٺاڻ خاندانن بہ مادرِ وطن جي حفاظت لاءِ هڪ لشڪر بہ تشڪيل ڏنو. عاليجاه جمع خان سنڌ ڌرتي کي پنهنجي ماتر ڀومي روح سان تسليم ڪري چڪو هيو. جنهن جي وصيت مطابق کيس شڪارپور جي منڇر شاهہ قبرستان منجهہ دفن ڪيو ويو آهي. ڳڙهي ياسين جا بارڪزئي دراني افغانستان جي شهنشاهہ دوست محمد جا ويجها عزيز هئا.

هن خاندان مان سردار رحيم داد ۽ تيمور شاهہ دراني 1773ع۔ 1793ع جي دور ۾ فوج جو ڪردار رهيا. جنهن کان پوءِ سندس پٽ ابدال بارڪزئي (1785۔ 1786ع) بہ والد واري عهدي تي رهيو. ابدال خان (اول) دراني جو پٽ جمعا خان درانيءَ جنهن جي نالي پٺيان شڪارپور ۾ جمعا خان جي مڏي ۽ محلو مشهور آهي پنهنجي وقت جو هڪ مستند ۽ مشهور هستي ٿي گذري آهي سنہ 1824ع ۾ حيدر آباد ٽالپر جي حاڪم مير ڪرم علي خان جي سپهہ سالار نواب ولي محمد خان لغاري جڏهن شڪارپور جي آخري افغاني نواب منصور علي خان کان شڪارپور جو قبضو ڇڏائڻ آيو هو تہ ان وقت جمعا خان بارڪزئي نواب ولي محمد لغاري ۽ نواب منصور علي خان وچ ۾ ٺياڪڙي ڪري شڪارپور جو قبضو ٽالپر ميرن کي ڏياريو هيو. عالجاهہ جمعا خان ٽالپر ميرن کان نواب منصور علي خان جي ڪجهہ ڏينهن جي لاءِ مهلت گهري ۽ پنهنجي ڳڙهي ياسين واري جاگير ڪوٽ عبدالله منجهہ رهايو جنهن کي ٻانيهڙ ۽ بعد ۾ ٻانيپهڙ نالو پيو جتان پوءِ نواب منصور علي خان واپس ڪابل هليو ويو پر پاڻ سان گڏ پنهنجي پيءُ جي دوست ياسين خان نورزئي کي واپس وٺي وڃڻ جو جمع خان بارڪزئي کان وچن ورتو ڇيو وڃي ٿو تہ ياسين واهہ جي ڪوٽائي ۽ ڳڙهي ياسين جون اڏاوتون پڻ ياسين خان نورزئي ڪرايون هيون جنهن سبب ياسين راهہ ۽ شهر تي سندس نالو پيو. جنهن جا پويان نورزئي خاندان ڳڙهي ياسين تعلقي جي ڳوٺ اورنگ آباد منجهہ آهن سندس تعمير ٿيل ڪوٽ جون اڄ بہ نشانيون نظر اينديون حاجي عطاءُ الله جي فرزند ثناءُ الله خان نورزئي جنهن جرڳائي فيصلن ۾ وڏو نالو ڪييو آهي ۽ شاهہ محمد خان نورزئي جي اولاد طفيل احمد خان نورزئي ۽ ٻيا نورزئي ڪجهہ ڳڙهي ياسين ۽ ڪجهہ اورنگ آباد ۾ موجود آهن. ان وقت موجوده ڳڙهي ياسين ٽن ڳوٺن تي مشتمل هئي (1) مدن پور (2) پائيءَ جي ڪڏ (3) گوڪل پور هيون. گوڪل پور منجهہ هيرا سنگهہ وارا چانڊوڪي راتين ۾ گڏڙن جو ڏيڏرن کي پڪڙڻ ڏسندا هئا، ڏيڏر کي فارسيءَ منجهہ غوڪ چوندا اهن جنهن سبب ان ڳوٺ کي گوڪل پور

سڏيندا آهن. پر ڪن جهونڙن اديبن جو خيال آهي تہ نوشهري جا سک سردار جڏهن نوشهرو ڇڏي ڳڙهي ياسين آيا تہ سردار هيرا سنگ جو ڏاڏي جو نالو گوڪل داس هيو جنهن پنيان گوڪل پور جو نالو پيو. ڳڙهي ياسين جي شاهي بازار جي اتر منجهہ 1812ع ۾ بارڪزئي دراني خاندان جون ضربيون ۽ بہ ڪوٽ نهيا. بارڪزئين جي اچڻ سبب علائقي منجهہ امن ۽ آشتي آئي ۽ شهر ترقي ڪرڻ لڳو مدن پور، گوڪل پور ۽ پائيءَ جي ڪڏ پنهنجو وجود ختم ڪري ڳڙهي ياسين ۾ ضم ٿي ويون الله بخش خان بارڪزئي جو وقت شهر جي لاءِ سنهري دور ثابت ٿيو ۽ ڳڙهي ياسين شهر منجهہ خوشحالي آئي 1919ع منجهہ هن شهر ميونسپالٽي جو درجو ماڻيو ۽ سول اسپتال ۽ عورتن جي اسپتال بہ ٺهي راس ٿي.

جمعا خان بارڪزئي کي 9 پٽ هئا جن جا نالا، عبدالقادر خان، خير الله خان، عبدالله خان، حيات الله خان، عزيز خان، شاهہ غازي خان، مير خان، سيف الله خان ۽ محمد خان، حيات الله خان والد جمعا خان جي پٽ خدايار خان ڳڙهي ياسين منجهہ هڪ شاندار ڪوٽ اڏايو جنهن جون پٽيون قلعي جيترين ويڪريون هيون جنهن ۾ بيا بارڪزئي خاندان وارا پڻ اچي رهيا ۽ پنهنجيون ضربيون ۽ جايون اڏايون جن جا ڪجهہ ڪنڊر بچيل آهن هاڻي انهن پلائن ۽ جاين تي مبارڪ خان، سمندر خان، جان محمد خان جي اولاد طار خان، صابل خان عرف شهبازي خان جي اولاد شوڪت خان، عيوض خان جي اولاد امان خان عرف امنو خان، نيڪ محمد خان جي اولاد نظام الدين خان ۽ الله ورايو خان، عزيز الله خان ۽ منور خان جي اولاد ۽ الحاج الله داد خان جي فرزند حڪيم حبيب الله خان جي اولاد احمد خان جج ۽ سلطان خان جي اولاد امير بخش خان جي جن جون جايون آهن هڪ ٻيو پڻ شاندار ڪوٽ الله بخش خان جي موچي پٽ عبدالمجيد خان اڏ هيو. جنهن سندس فرزند خانبهادر در محمد خان هائير سيڪنڊري اسڪول جي عمارت قائم آهي باقي منجهہ در محمد خان جي آخري نياڻي رهائش پذير آهي خدايار خان کي ٻن پٽن جي اولاد هئي پهريون معزالدين خان ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو جنهن کي عدل و انصاف جو پيڪر سڏيندا هئا کيس نرينہ اولاد نہ هيو سندس ٻيو پٽ محمد اعظم خان هو جنهن جي ڪبير خان جي نياڻي ۽ آغا شمس الدين خان جي ڀيڻ سندس عقد ۾ آئي کيس ٽن پٽن جي اولاد ٿي محمد انور خان، محمد شريف خان ۽ ممتاز حسين خان صاحب ڪتاب نالي هئا، جيڪي آغا صدر الدين خان ۽ آغا بدر الدين خان جا ڀڻاٽ ۽ ماروٽ ٿين عاليجاهہ معزالدين خان ۽ محمد اعظم خان گڏجي ڳڙهي ياسين شهر منجهہ هڪ شاندار عمارت اڏائي جنهن جو ڪم 1892ع ۾ شروع ٿيو ۽ 1901ع ۾ ٺهي راس ٿيو جنهن کي "خان جو بنگلو" سڏيندا هئا. جنهن جو ڪجهہ حصو اڃان بہ محفوظ آهي. جنهنجي مرمت ۽ تزئين

آرائش جهڙي ثواب جو ڪم رفيق احمد خان چيف جسٽس فيڊرل شريعت ڪورٽ ڪرايو آهي. ان منجهہ ئي آغا ممتاز خان دراني جي لائبريري "مڪتبہ دراني" قائم هئي.

عبدالله خان ولد جمعا خان کي ڇهن پٽن عطاءُ الله خان، ڪرم الله خان، الله بخش خان ۽ ڪبير خان جي اولاد هئي.

الله بخش خان جا ٻہ پٽ هئا عبدالحميد خان ۽ عبدالمجيد خان ۽ الله بخش خان جو موهي پٽ عبدالمجيد خان جنهن کي وراثت ۾ وڏو مال ۽ ملڪيت ملي. سندس پٽ خانبهادر درمحمد خان کي سڀ نياٽيون هيون ۽ عبدالمجيد خان جو پٽ قلندر بخش خان هيو جنهن جي اولاد اڄ ڏينهن سميت حال حيات آهي. خان صاحب شمس الدين خان هڪ سهڻي جاءِ ٺهرائي جنهن کي شمس محل سڏڻ لڳا شمس محل جي اڏاوت تي 6 سال لڳا جيڪو 1925ع ۾ ٺهي تيار ٿيو. شمس محل جي ٻن پاسن کان اتر ۽ اوڀر کان خان صاحب محمد اعظم خان جون زمينون هيون. شمس محل جي گيٽ پڻ محمد اعظم خان جي زرعي زمين تي سندس زباني اجازت بعد اڏيل آهي. ۽ باقي بچيل زرعي زمين تي پڻ چوڌاري ديوار ڏياري ڪوٽ دراني ۾ شامل ڪيو ويو آهي. شمس محل جي اولهہ منجهہ هڪ شاندار ديوانن جو اڏيل پڪو تلاءُ هيو جنهن ۾ عورتون ۽ مرد غسل ڪندا يا ڪپڙا ڌوئيندا هئا تلاءُ جي چوڌاري نِم ۽ ٽالهي جا گهاٽا وڻ هيا جنهن سبب وڏي ڇانوَ هوندي هئي. جتي انسانن سان گڏ ڪيئي جانور ۽ هزارين پکي پکڻ پڻ آسيون وٺندا هئا. 1947ع جي ورهاڱي بعد خوبصورت تلاءُ اجڙي ويو ۽ 1965ع ۾ آغا بدر الدين خان جي رحلت کان پوءِ تہ تنهان بي توجهيءَ سبب شهر جو گندو پاڻي ٽائون ڪاميٽي ان تلاءَ ۾ ڇوڙ ڪرائيندي رهي. جنهن سبب هڪ شاندار تلاءُ ڪني پاڻيءَ جي ڪڏ جي نالي سان مشهور ٿي ويو. اهو پڻ 2013ع ۾ ڪوٽ دراني ۾ شامل ڪيو ويو آهي. پيپلز پارٽي جي باني ميمبر محمد اشرف خان عرف لالا امير خان جي بقول تہ ان تلاءَ تي آڙين ۽ نيرڳن جو مان پڻ شڪار ڪيو آهي. تلاءَ جي ڏاکڻي ڪپ تي سلطان احمد خان جي اوطاق هئي جيڪا اڳتي هلي امير بخش خان جي نالي سان مشهور ماڙي. جتي راڳ رنگ جون محفلون ٿينديون هيون جنهن ۾ مشهور ڳائڻا گويا ۽ ناچو ايندا هئا ۽ شڪاري پنهنجي شڪارن جا حوال ڪندا هئا ان اوطاق تي سيد احمد شاهہ جيلاني راڻيپور وارو، سيد سخي صالح شاهہ، سردار نيڪ محمد اوڊو، سرائي محمود سيال، چيف سردار سندر خان سندراڻي، غلام عمر انڙ، موسيٰ خان ٻگهيو وغيره ايندا هئا. خان صاحب شمس الدين خان جي اولاد ۾ بدر الدين خان ۽ صدر الدين خان هئا. هاڻوڪو سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر آغا سراج الدين خان دراني پڻ آغا صدر الدين خان دراني جو پٽ آهي شمس محل جي ايراضي وقت سان گڏ وڌندي رهي. پر شمس محلس منجهہ سم

۽ سيڪ سبب اڳيون جايون بوسيده ٿي جُهري پيون ۽ هاڻ اتي آغا سراج خان دراني هڪ وڏي ايراضي تي هڪ عاليشان عمارت 2013ع منجهه اڏائي آهي ۽ شمس محل جي جاءِ تي ڪوٺ دراني لکرايو ويو آهي.

**مددي ڪتاب**


1. تاريخ سنڌ: (ڪلهوڙا دور) غلام رسول مهر
2. جنت السنڌ: مولائي شيدائي
3. تاريخ سکر: مولائي شيدائي
4. پناڻ: آغا سليم
5. ڳڙهي ياسين درشن: ڀائي منا سنگهه سيتل داس
6. خانصاحب محمد اعظم خان جي ڊائري
7. آغا ممتاز درانيءَ جي ڊائري
8. لالا محمد اشرف خان عرف لالا امير خان ڪان ورتل احوال
9. سندهه پر قبضه: شيخ عبدالعزيز
10. سندهي ثقافت تاريخ کے آئينے ميں: مبارک علي
11. History of Alieanation in Province of Sindh
12. گوگل انٽرنيٽ: Afganistan Tread

# تخليق جا گل ڦل

# بيت

پنهنجو پاڻ پروڙ، آهين الله پاڻ تون
رکيئي فقط جو رب تي، من ٿيندئي معذور
جيءُ کي نہ جهور، ٻيون ٻاتيون ٿي ٻلائڻ جون

(2)

ويچار ڪر وجود جو، روح سان ڪر رهاڻ
نڪو جانب جبلن ۾، ڪڍ نہ ڪنهنجي ڪاڻ
خود ۾ خدا ڄاڻ، پنڪين چو ٿو ٻرن ۾

(3)

جوٽ جنگيون جيئڻ ڪاڻ، ڏيهہ ۾ آهن ڏکِ
سور سهڻ تون سک، جي اٿڪٺو اٿئي عقابن سان

(4)

يارن يارانو ڪڏهين نڀايو ڪنهن سان
محبت نہ اٿن متي جي، ٻاڪر ڪتو ٻارانو
تن کي ڪهڙو طعنو جي هن وات ڳاڙها ويچار

(5)

صبح ٿيو ڪر سعيو رات گذري راه ۾
ڪڏي پيو ڪٽڪن تي، هٽي هوڪارو
مڙس ڪريو مارو مان مٿاهون ٿي مهراڻ جو.

(6)

پيرو نہ پڇان پوڻ ڪاڻ، گهڙي ڪانہ گسان
لڳ پلي ليڙون ٿين، ريتو ٿي بہ رسان
پرين من پسان، پنهنجي ملڪ ملير کي

(7)

پسيم ڪو نہ پرين کي، ويو سج لهي
رڙيم ساري رات پڻ، ويسو وقت وهي
ڪو نہ آيو ڪهي، ديکي بنا دم ڏنم

(8)

ڏکين ڏڏيل آهيان، ڏاڍا ڏنم ڏينهن،
لکي ڪو نہ لڌو هو سور حياتي سين
سورن ايئن سيڪاٽيو، جنيان لڳن جيئن
وجان ڪاڏي ڪيئن دل اٿم هن ديس سان

(9)

پرين توکي پاڻ، ڏيندس ڏوراپو
رحم نہ آيئي رتي جو قدر نہ ڪئي ڪو
ڪنهن کي چوان ڇو دل ۾ دانهون ٿو ڪريان

(10)

ملڪ ٻري جيئن مچ، سورائتا سڀ آهيون
رهبر رهزن ساڳيا، سڻايائن ٿو سچ
اوري منهنجي اڄ، پاٽي کير پڌرو ڪريان

(11)

اڄ بہ گذري رات، پنڌ پري آهن گهڻا
ڪيرايون اڄ ڪوڙن کي، وائي اهائي وات
گهاؤن توڙي گهايو، تڏهن بہ اها تات
ٻي نہ ڪندس ڪا بات، جيئي سنڌ جهان ۾

(12)

مون سڏ ڪندي سڏيم، پرين سڻن پڪاران
ويا وڇڙي جي ولر ڪان هنجهون تن لاءِ هاريان
پيو وينو ٿو پڪاريان ڪڏهن پچندس پرينءَ کي

(13)

جهاتي پائي جيءَ ۾، پرک تون پاڻ
پيار رک تون پاڻ جو محبوب سچي کي ماڻ
عشق کي الله جاڻ، پتڪين چو ٿو بن ۾

(14)

ويري وينا ووڙين، پنهوهارن جا پيچرا
ڪارا قلوب تن جا، جيجل کي جهورين
ڪلئون ڪنڊ ڪورين، ماروئڙن جا ماڳ تي

(15)

جن سوري چڙهڻ سکيو مارينداسيئي موت
جن لڳ وڍائي لکيو سيئي هلندا هن راه ۾

(16)

ڪاتي ڪڏ ڪري، سورهه ساماڻا
موٽڻ تن لئه مهڻو وڏيا پير پري
ڏرتي ڪارڻ ڏري، ڪلهئون ڪپايئون ڪنڌ کي

(17)

آيلن جي اُجهايو مون پيهر وري ٻاريو
ويهي واچوئڙن وچ ۾ آهي دود دکايو
مونکي پل ماريو ساٿ نه وڪڻندس سون تي

(18)

اڳيان ويرن وٿ، اُپ جيان اوچا ڳاٽ
ڪاتي ڪونہ ڪنبايا، ڪسڻ بہ پايئون گهٽ
پيا پانڌيئڙا پٽ، سَرَ ڏنائون ساٿيهہ لئہ

(19)

ماروئڙن جي محبت ڪاڻ، وجود ڪي وسار
ڏر ڏرتي ڪنڌ ڪونگرين، عشق ڪي اجار
نيزو سسي پاءِ، پتنگ پوءِ سڏائين

(20)

آئون آڳاتو آهيان، موهن ڪان موجود
آد جڳاد ڪان آهيان ڪير وڃائيندو وجود
ٿيندين پاڻ نابود، هوندس آءُ هر دور ۾

(21)

تَن ۾ تِن جي تانگ، سي هلي هوت ويا
ووڙيان ٿو واٽن تي، ڪڏهن ايندا ڪانگ
من ۾ منهنجي مانگ، اڄ ئي اچن اڱن تي

(22)

سور پيو سهان، ڪچان ڪُرڪان ڪين ٿو
چئہ تہ ائين چوان، مونکي ماريو منهنجن

(23)

ڪنهنجن نہ ڪرڪن، توڙي وير وڍجي پيا
مڙس اڄ ميدان ۾، لال ڳيڙو لچن
لڪائي لوڪ ڪان، پاڻ ئي پٽيون ڪن
توڙي چاڪ چڪن، دانهن نہ ڪن داد لئہ

(24)

تنوارن ۾ تون، مرد مانجهي مهراڻ جا
تون آن سونهه سنڌ جي توسان سونهين پونءِ
مور نہ گهرجي مون توري جيوت جڳ ۾

(25)

سانڊيان ۽ سڪان، ڪارڻ پنهنجي پون
مور نہ گهرجي مون، حياتي هوتن بنان

(26)

سورهہ سمجهين پاڻ کي، موت پسي ۾ نہ موٽ
لڳئي نيزو نرڙ ۾، گهاءُ کائين ٿئين گهوٽ
جي اڄ بہ ٿئين اروٽ، سورهہ نہ سڏاءِ سنڌ جو

(27)

آهي سڪ ساڻيهہ جي پل ڪپي ڪو ڪوري
جيئڻ اڄ جهوري، مري مانائتو ٿيان

(28)

جي سڪ اٿئي ساڻيهہ جي، پوءِ عشق نہ ڇڏبو ايئن
وقت وڃائيندا واٽ ۾، سي ڪوٽ ڪيرائيندا ڪيئن
هڻ ڪپي هيئن، اڄ ٿي اٿڪون عقابن سان

(29)

سر ڏجي ساڻيهہ تي، جيسين رڳن منجهہ ساهہ
ڪرت پل ڪاپار ۾، ڪٽان پويان پساهہ
سمجهان سوبہ گناهہ، جي مرڪي موت نہ ماڻيان

(30)

مرڻ ڪان منهن نہ موڙ سرهو ٿي سر ڏي
ڪاتي لڳئي ڪاپار ۾، خنجر لڳئي ڪوڙ
جيجل ڪارڻ جوڙ سِرن سندا ڪوٽ تون

(31)

روح ساڻ رکيج، سڪ تون ساٿيهہ جي
اونداهہ اندو ڪار ٿئي، پرين پوءِ بہ پسيج
اها راهہ رميچ، جا هلي هوتن ڏي

(32)

تن ۾ اها تنوار، وڻ وڻ وائي هيڪڙي
مارئي منهنجي ملڪ جا ۾ سيئي سزا وار
مارو منهنجي ملڪ جا، سوري سمجهن سينگار
اٿيا لک هزار، چاڙهي چاڙهيندين ڪيترا

(33)

وريو اهڙو واءُ، ساڙي سارو لوڪ ٿو
رڪ وهندا راند ۾، پن پن هي پڙلاءُ
جلدي پهچون جنگ ۾، رستو سوئي وٺاءِ
پانڌيئڙا پڇاءِ، ويرن جي اڄ وچ ۾

(34)

هلون ان هنڌ، جت رمندا راتاهن ڪاڻ
ڏسي ڏونگر مَ ڏر، پانڌيئڙا ڪر پنڌ
ڪيچين ڪارڻ ڪنڌ، دان ڏيئي ڏرتي لئہ

*** ***

## نقاشِ ازل جو شهڪار آدمي آ

نقاشِ ازل جو شهڪار آدمي آ
ساري زمين جو سچ پچ سينگار آدمي آ

سجدو ڪري انهي کي ثابت ڪيو فرشتن
رفعت مآب عالي سرڪار آدمي آ

ڪل ڪائنات ۾ آ اشرف مقام هنجو
مخلوق ڪل ۾ فعل المختار آدمي آ

پوري خلا ۾ آهي هن ترٿلو مچايو
تسخير چنڊ تي جو تيار آدمي آ

ڄاڻي خدا ٿو ڪهڙي متي مان هو ٺهيل آهه
برف و شرر تي جيڪو هسوار آدمي آ

آگاه معرفت جو ۽ رازدان قدرت
فطرت شناس ازلي فنڪار آدمي آ

ممتاز آهه جنهن تي الله پاڻ عاشق
يارو سو آدمين جو سردار آدمي آ

## غزل

پاڻي هو مليل، ڇا مئي ۾، محفل ۾ ڪوئي مخمور نہ هو
اي پير مغان هن دور ڪان اڳ تو وٽ تہ ايهو دستور نہ هو

الله جو تو ۾ جلوو آ، زاهد مان پٽ ڪيان ڪيئن
ڪلهہ ڇهرو ڇتائيم تنهنجو افسوس مگر پر نور نہ هو

هر شئہ تي رسائي آ تنهنجي پر همت مردان آ شرط اول
هي تنهنجو ڇوڙڻ آ يار عبث، مان ڇا ڪريان مقدور نہ هو.

هر برم جنون ۾ ذڪر هيو سر سانگين تان قربان ڪجي
ڪنهن عقل و خرد جي محفل ۾ هيهات اهو مذڪور نہ هو

واهہ خوب ڏنو آه مصرع طرح هي بزم ادب وارن مون کي
ڪو عشق ۾ رسوا ڪين ٿئي دنيا کي تہ هي منظور نہ هو.

## ”تنهنجي شهر ۾“

ڪونہ نالي ڪان رهيو وينجهار تنهنجي شهر ۾
ڪٿِ ڪٿيندڙ بس بچيا لوهار تنهنجي شهر ۾

فطرت ايذان رسان ۽ مصلحتن شيرين زبان
مور جي ميڪ اپ ۾ آهن مارَ تنهنجي شهر ۾

حال پائي راز محرم جو ٻڌائي ۽ ٻڌي
ڪوبہ ڪونهي مون ڏٺو غمخوار تنهنجي شهر ۾

پرچڻ هر ڪو ٿو چاهي پرچائڻ نہ پر
مخلصيءَ جو هي رهيو آ معيار تنهنجي شهر ۾

موسم گرما جي بي مهري ۽ ٻيپهريءَ جو سمو
۽ نہ ڪو آ سايہ ديوار تنهنجي شهر ۾

ڪونہ ڪو منصور بہ شهر تنهنجي ۾ ڏٺم
هر گهٽي ۾ پر اڏيل هو ڄار تنهنجي شهر ۾

لوهار جا اعصاب بہ هيڪر ٿا لرزش ۾ اچن
ڪيترو آخر سهي ڪوبار تنهنجر شهر ۾

طلعتِ زيبا ادائي دلبري ۽ اعتبار
سڀ غلط عملن ٿيا سرڪار تنهنجي شهر ۾

دل گهريو ساٿي اڪيلائي ۾ بارش جي گهڙي
ٿين ميسر ڪاش جي هڪ وار تنهنجي شهر ۾

حيف ئي پيرِ مغان جو قطره ئي مۓ لۓ سڪن
هن پري برسات ۾ ميخار تنهنجر شهر ۾

چانهه ۾ سگريٽ اخبارون رسائل ۾ ڪتاب
پيو زياده چا رکيو آ يار تنهنجي شهر ۾

ماجراءِ زندگيءَ بابت نہ پڇ ممتاز کان
زيست هر عنوان آ دشوار تنهنجي شهر ۾

***

# بيداد

اڄ ساري زماني ۾ بيداد نظر آيو
مظلوم جو خسخانو برباد نظر آيو

آ دامُ اڏيل هر هڪ آفيس ۾ رشوت جو
ننڍو ءِ وڏو افسر صياد نظر آيو

مشغول رهيا عالم تحرير فتاوا ۾
هر روز نئون تن جو ارشاد نظر آيو

جنهن کي ٿا چون مرشد ءِ رهنما رهبر
اخلاق بگاڙڻ جو بنياد نظر آيو

پاڪ جو وطن آ پر ڏسجي ٿو پليتي ٿِي
اسلام جي پردي ۾ الحاد نظر آيو

سرمايہ پرستن جي هاريءَ تي حڪومت آ
معمار وطن ڇو اڄ ناشاد نظر آيو

ممتاز فنا ٿيندي آخر هي زرپرستي
مزدور جو مستقبل آباد نظر آيو

***

# نظم پاڪستان

نظامِ مملڪت بدتر اهوئي آهہ اڃ جھڙو
ظلم جورو جفا اڪثر اهوئي آهہ اڃ جھڙو

چمن بدليو فضا بدلي، زماني جي هوا بدلي،
دقيانوسي مگر ڏمچر اهوئي آهہ اڃ جھڙو

نہ آيو انقلاب آهي منستر جي طبيعت ۾،
ستم پرور ۽ ڊڪٽيٽر اهوئي آهہ اڃ جھڙو

هٽن تا ڏنگ انسان ذات کي زَنبور زهريءَ جا،
هي رشوت خور آفيسرُ اهوئي آهہ اڃ جھڙو

هئي اميد ٿيندو پاڪ ۾ انصاف پرويتر
غريبن جي مٿان پادر اهوئي آهہ اڃ جھڙو

هيون ڏاڍيون اميدون ديس پنهنجو ٿيندو هي جنت،
مگر هاريءَ جي هٿ ۾ هر اهوئي آهہ اڃ جھڙو

پروڙ اجو وجهي پنجوڙ ڪورٽ ۾ ڪڙو ڪن ٿا،
تڏهن بہ ليگ جو ليڊر اهوئي آهہ اڃ جھڙو

ڪندا رهندا سون هر حالت ۾ اي ممتاز حق گوئي،
اسان جي طبع جو جوهر اهوئي آهہ اڃ جھڙو

***

# فضلي

اليڪشن جي اچڻ لئہ گھري رب کان دعا فضلي،
تہ پنھنجي پيٽ جي پوري ڪري جي اشتھا فضلي

اجابت ھيٺ آندي نيٺ مولا التجا اُن جي
چڙھي جيپن ۾ چڪر ٿو ھڻي صبح و مسا فضلي،

مَڇيءَ ۾ ٻوڙ تي اُن جي وڪامي ليڊري ويئي،
جتوئي وٽ وڪيو ايمان ۾ شرم و حيا فضلي

ھٽائي ڏيڏريءَ تي نعل ٿيو ان کي زڪام آھي،
ڦٻائي حق ھارين جو بڻيو آ رھنمائي فضلي

سچاڻن ٿا سيئي توکي اڙي او دين جا ٽنيا،
اجان پيي ڪونہ سمجھئہ کوليانء ڪچا چنا فضلي

***

# پروڊا جي ڪرامت

اظهار ٿي اڄ نيت پروڊا جي ڪرامت، اعمال جي شامت
معدوم ٿي سنڌ مان کھڙي جي سياست قاضيءَ جي خجالت

آزاد ٿي اڄ سنڌ انهيءَ گرگ ڪنهن ڪان غدارِ وطن ڪان،
صابڻ ڪان سوا وئي لهي سورهيه جي سنوارت حاجيءَ جي حجامت

قانون جي شڪنجي ۾ قاضي بہ اچي ويو بي موت مري ويو
لونڊن جي پٽيان جنهن لُٽي ليلائي وزارت هي قوم امانت

محمود رضا گڏجي مظفر سان روئن ٿا هيئن روئي چون ٿا،
هن عمر ۾ پيو ڪير ڪندو پيار رعايت هئي سنڌ رياست

نا اهل جو ممتاز اهو آهي تہ انجام، بدنام ۽ ناڪام
اي ڪاش پرائن ڪو سبق اهلِ سياست هيءَ آهي حڪايت

***

## للڪار تي

تون سراپا ڪفرِ ۽ الحاد لئہ للڪار تي،
اٿ مجاهد مرد تون نعرو هڻي نروار ٿِي
طاقت طاغوت لئہ تلوار جي جهنڪار تي
اي مجاهد مرد تون نعرو هڻي للڪار ٿِي
بوسئِہ منصور آهي ثبت رسن و دار تي،
جيڪڏهن منصور نہ ٿو ٿئين تہ، رسن ودار تي
چو ٿئين آوارو ڪوئہ بتان ٿو روز و شب،
ذوقِ نسيان ۾ خدارا ڪين اهڙو خوار ٿي
نفرت و عناد آملان جو مذهب يار من،
اهڙي مذهب کان پڇي وچ بانورا بيزار ٿي
ڪونہ آهي ماني و بهزاد جو اڄ قدر دان
تون بہ چغتائي جي فنِ تجريد جو شهڪار ٿي
حسن جي بابت بي وقعتي زبان حال سان
ڪن ڏئي پڌ چا چوي خود مصر جِي بازار تي
حرفِ حق جي واسطي سقراط پنهنجي دؤر ۾
زهر جو پيالو ڪري ويو نوش جان لاچار تي،
قيمتِ اشعار پر ڪي، جز اهلِ نظر،
گوهرن کان پيي گران ممتاز جا اشعار تي

***

# بزم تصور

پنهنجي جنهن وقت خطا ياد آئي
تنهنجو دلچسپ سزا ياد آئي

پيار ٽڙي بزمِ تصور ۾ گلاب،
تنهنجي محفل جي فضا ياد آئي

تو زماني جو چلن آهه ڏٺو!
توکي منهنجي ڪا وفا ياد آئي؟

هم سفر ڪو جُدا ٿيو جڏهين
سختيءِ راهه وفا ياد آئي

ڇو ٻريا غمڪده دل ۾ ڏيئا؟
تنهنجي رخ جي ڇا ضيا ياد آئي

گلبدن ڪير ٿو اچي شايد
موسمِ گل جي هوا ياد آئي

غم جي جهولن ۾ توکي ڇو ممتاز
هن جي زلفن جي گهٽا ياد آئي

***

# اي فاضل شاهه جيلاني

بقدرِ ظرف هر ڪنهن کي ملي ٿو فيض روحاني،
سندءِ دربار لاثاني اي فاضل شاه جيلاني
نہ تعليمات تنهنجي کي ٿا سمجهن بدعتي پٽڪيل،
طريقي ڪار قرآني اي فاضل شاه جيلاني
بتن وانگر قبر تنهنجي ٿا پوڄن حيف ڪلمي گو
اسان جي ڏس مسلماني اي فاضل شاه جيلاني
ڪڍائڻ ٿيو اچن جنات پنهنجي جسم مان ڪنواريون
ٿي جهومي ساز تي جواني اي فاضل شاه جيلاني
چٽائن خاد مرقد جي چرين کي، چو تہ سياڻا ٿين
صريحا آهہ ناداني اي فاضل شاه جيلاني
تجارت قبر جي تنهنجا مجاور ڪن ٿا گويا
عقائد جي ٿي ارزاني اي فاضل شاه جيلاني،
نہ اٿندا صور اسرافيل کان اڳ ۾ قبر وارا
اهو آ امر رَباني اي فاضل شاه جيلاني،
رهائي داشتہ پنهنجي کي ٿو درگاهہ عاليءَ تي
ڪري ٿو ڪار شيطاني اي فاصل شاه جيلاني،
ڪڏهن سوچيو اٿئي "ممتاز" وئي وسري اسان کان ڇو؟
جهانداري جهان باني اي فاضل شاه جيلاني

***

## مورک مستانہ

محبت ۾ سي مورک، ۽ مستانہ مري ويندا.
شمع ٻاريو متان! مسڪين پروانہ مري ويندا

سبب ڪهڙي؟ ڪري ٿو زلف جي زنجير کان آجو،
اها جي بي رخي آهي تہ ديوانا مري ويندا

حياتي ڇا ڏئي سگهندا. ڪنهين بيمار کي حاذق،
جڏهين ايندي قضا، سي پاڻ فرزانہ مري ويندا

خدا جو سنهن اگر تو بيوفائي ڪئي تہ پاڙيهي،
سسئي ۽ سُهڻيءَ وارا پيو افسانہ مري ويندا

ڏسن ٿا ظرف تنهنجو اي پير مغان متان سمجهين
نہ ملندي تو وٽان جي مئہ، تہ مستانہ مري ويندا

رڳو مسڪين ۽ عاجز اجل جو کاج ڪونهن پڻ
رکن جي شان ۽ شوڪت ٿا سي شاهانہ مري ويندا،

امر ٿيندا رڳو ممتاز سي جي نيڪ مقدس لئہ
ملائي موت سان اکيون دليرانہ مري ويندا

***

# پاڪستاني جمهوريت

ڪسابن بعد ”چورن“ جي اڳڻ ۾ تي آسرهائي،
”پٽن“ سان پرڙجي ”بي بي“جمهوريت هنن وٽ آئي

مُيسر پئي ٿيو هر دؤر ”نئون پيءُ“ ”چورن“ کي
مگر ڪا ماءُ موچارِي يتيمن کي نہ هٿ آئي

اگر آهي اسان چورن سندءِ هيءَ ماءُ ماٽيجي
نيائيندي مگر معصومڙن کي چاهہ سان مائي

خلافتِ راشده جي نانءَ سان مشهور هئي پيڪي
اتر پرديش جِي کهني سياست دان جِي جائي

سندس من موهڻي مورت هُئي مشهور ملڪن ۾،
اڇوتي ناز سوپياوان هئي جڻ اپسرا ڪائي

سندس چشم فِسون گر جو ”غلام محمَد“ هيو قائل
سندس انداز عشوي جو ”سڪندر“ پڻ سودائي

بلند اقبال ”بي بي“ جو ازل کان هي مقدر هو
تعال الله! امير المومنين جي عقد ۾ آئي

سمورو ملڪ پاڪستان هن کي ”ڏاج“ ۾ مليو،
مسلم ليگ پڻ خلفہ بگوشيءِ هن جي ۾ آئي

ابو ”جرنيل فوجي“ ”۽“ امان بيبي جمهوريت “آ
ڏسي جوڙي کي دشمن جي ڇٽي تي منهن مان ڇائي

انهيءَ شاديءَ ۾ ڳايو ”هو جمالو“ فوجي جي جوانن
نچڻ ۾ ڪين ڪئي هئي انتظاميا ڀي ڪا گهٽتائي

پڙهيو سهرو هو عزت مآب ”ڪالاباغ“ شاديءَ ۾
سڄو صوبو مليس انعام ۾ ڀيو ڇا ڪپي ڀائي!

”منعم“، ”لال ميان“، ”طائفي“ پنهنجي ساڻ حاضر ها
”صبور“ ۽ ”چوڏريءَ“ مشڪي ڏني هڪ ٻئي کي واڌائي

”حبيب الله ڀڳت“ پڻ ڦِريون هو ڦير ۽ جامو
ادو ”سعود صادق“ خود ٻٽيو هو ڀاڻ طبلائي

ٻڌائي تال ۽ سر ۾ ڀيو هر هر بيت هي ”زلفي“
اسان هر گهوٽ جا آهيون سٽن پيڙهين کان شيدائي

ٿيا لايا سجايا ۽ سين جي آس پوري تي
ڏسون ڪهڙي قسم جا تي ڄٽي ڏي ٻار هي دائي

***

# ناٽو شاهه

دنيا وارن ڪئي جور و جفا ناهي ته ٻيو ڇاهي؟
هتي " نفسيءَ" ۾ هر ڪو مبتلا ناهي ته ٻيو ڇاهي؟

تقدس ۾ " خون جي رشتي " جو عرصو ٿيو ختم ٿي ويو
برادر اڄ برادر کان جدا ناهي ته ٻيو ڇاهي!؟

دغا، دولاب، لالچ، وعده، شڪني ۽ رياڪاري،
اڄڪي سائين اسان وٽ سڀ روا ناهي ته ٻيو ڇاهي؟

پُڇائي پيُو پيسو آس ٿو پنهنجن پوڄارن جي،
جي ناٽو " شاهه" اڄ مشڪل ڪشا ناهي ته ٻيو ڇاهي؟

اشاري غير جي تي آزمائي ٿو وفا منهنجي
وفا آشنا هو بيوفا ناهي ته ٻيو ڇاهي!؟

جياري ٿو ڇڏي سچ پچ پياري وصل جو شربت،
دهن ۾ يار جي آبِ بقا ناهي ته ٻيو ڇاهي؟

ممتاز صدق و صفا وارن وفاڪيشن سان پڻ اڪثر
دنيا وارن ڪئي جور و جفا ناهي ته ٻيو ڇاهي؟

***

## قفس جي زندگي

چوطرف ڪھڙو قيامت جو متل ڪھرام آ
مبتلائي رنج وغم اڄ خاص توڙي عام آ

اڄ سياست پنھنجي محور تي ھر ڪنھن جي ڦري،
” پاڪ“ جو پيشِ نظر ڪنھن کي نہ استحڪام آ

جن چيو سچ سي ٻڌيا ڪافر ۽ سوريءَ تي چڙھيا
عاشقن تي ڪافريءَ جو ازل کان الزام آ

ٿو ڪري پردي ۾ سونھاريءَ جي سڀ ڪجھ مولوي
مفت ۾ ھي ” وات ٻاڙھو“ رند ٿيو بند بدنام آ

باغ کان باغي ۽ بد فطرت ٿي بلبل ھِي بڪي،
ھن قفس جي زندگيءَ ۾ ئي گھڻو آرامُ آ

واھ جو بزمِ ادب وارن ڏنو مصرعِ طرح،
طالب الموليٰ تي شايد ٿيو الھام آ

تذڪرو بلبل ۽ گل جو باغبان آھي فضول
باغ جو گھر خير جيڪو ٿي رھيو نيلام آ

ڪنھن ممتاز جو سنڌ ۾ ڪونھي قدر،
ھاءِ ھي شيرين سخن شاعر گمنام آ

***

## ووٽن جو طلبگار

صاحبِ املاڪ ۽ زردار آ
دولت و شهرت جو پرستار آ

ڪير طبعيت ڪي هنجي ڪري پسند.
عجز سان هو برسرِ پيڪار آ

صدق و صفا ۾ تو جو ڪيو هنجو شمار
حسنِ سياست جو هو شهڪار آ

غازي ڪردار پيو ڪو يار ڳول
هي ويچارو غازي گفتار آ

هن اڏايا باغ باغيچا محل،
هي بہ آخر ملڪ جو معمار آ

ڪجھ تہ چؤ سائين، آ تنهنجو چا خيال،
ريٽ چاهي، هي بہ خريدار آ

تنهنجو خادم هي ممتاز آ بهر حال.
تنهنجي ووٽن جو هي طلبار آ

***

# التجا

آشنا کي التجا مان ٿو ڪريان
ساده لوحي منهنجي ڏسجو هاءِ ڇا مان ٿو ڪريان

اڇي وينو آهہ ويڪا مان ٿو ڪريان،
چنڊ ۽ تارن کي پنهنجو همنوا مان ٿو ڪريان

غير جي ڪهڙي گلا آ، غير آخر غير آ،
شڪرِ بي مهريءَ اهل وفا مان ٿو ڪريان

رحم ڪري اي آسمان تون ڏي اجازت روئڻ جي،
هو اڳيان آهي بيانِ مدعا مان ٿو ڪريان،

ڪين ڪم آيا " ممتاز" هي " بت" اجايو وقت ويو
هر طرح لاچار ٿِي يادِ خدا مان ٿو ڪريان

***

# همايوني صاحب جي تتبع

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا زندان هزارين مان نہ رڳو،
زم زم جو قسم تنهنجي غب غب ۾ غلطان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي حسن نزاڪت ڇا چئجي، تنهنجي سونهن لطاقت ڇا چئجي،
تنهنجي موت خراج ملاحت تان مستان هزارين نہ رڳو

تنهنجي عشوي غمري ناز مٿان، تنهنجي حسن و ادا انداز مٿان،
قربان ٿين ٿا جن ملڪ، انسان هزارين مان نہ رڳو.

جيڪي پاڻ تي ناز آفرين هيا، سي هڪڙي گهور سان گهائي ڇڏيا،
تنهنجي تيرِ نظر جا تير فگن، نيشان هزارين مان نہ رڳو

تون شعلہ صفت آن سيمي بدن تنهنجي ابرو زلف ۽ غنچہ دهن
تنهنجي پيڪر حسن جي شمع مٿان پروانہ هزارين مان نہ رڳو

منصور ممتاز ويو دار چڙهي ۽ شاهہ عنايت ويو ڪسجي
تنهنجي قرب ۾ ٿيا ڪل جڳ ۾ قربان هزارين مان نہ رڳو

***

## دردِ دل جو ڪوئي علاج نہ آ

چاره گر وقفِ مزاج نہ آ
منهنجي غم جو ڪتي علاج نہ آ

عشق تنها پسند جو يارو
حسن عالم سان امتزاج نہ آ

دل جي دنيا تہ دل جي دنيا آ
ان جهان ۾ ڪنهين جو راج نہ آ

چو اجايو پُڇائين حاذق ٿو
